آزادي ۽ جا ڳاڑها جھنڊا

(شاعري)



عاجز سرگاٹي

آزاديءَ جا ڳاڙها جهنڊا
(شاعري)

عاجز سرگاٹي

ڪتاب:	آزاديءَ جا ڳاڙها جهنڊا
شاعر:	عاجز سرگاٹي
ڇپائيندڙ:	نشر و اشاعت شعبو
	(جسمر)
تعداد:	هڪ هزار
مُلهه:	120 رپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

سنڌ ڌرتيءَ جي عظيم شهيدن
سرائي قربان کهاوڙ، روپلي چولياٽي،
نور الله تنيي ۽ ذوالفقار ڪولاچي جي
نالي، جن جا موت هڪ جهڙا ٿيا.

- عاجز سرگاڻي

ڳاڙها ڳيرو سنڌ جا، تون ٻي منهنجو خواب،
تون ئي آنهن جواب، صدين جي سوال جو!

- ايار

مُهاڳ

هڪ شام جو مان هليو ويندس،
جاڻ نہ اٿم تہ ڪيڏانهن پيو وڃان،
۽ جي اهو وقت جنگ جو هوندو،
تہ مان ماڻ جي هينان ائين ڏيجي ويندس،
جيئن ڪو متيءَ هينان ڏيجي وڃي.....

هي سِٽون 'فيدوئيانو' جون آهن هي رومانوي شاعر 1918ع ۾ ڄائو هو. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو "لينڊ اسپيس" 1930ع ۾ شايع ٿيو هو. پر ادبي ڪيتر ۾ ايڏي مڃتا نہ مليس، جنهن ڪري هو پيرس هليو ويو، جتي هو دادا وادي جي لهر ۾ شامل ٿي ويو ۽ اُنهيءَ تيز لهر بابت يورپ ۽ آمريڪا ۾ ليڪچر ڏيندو رهيو، جتي ڪيس وڏي مڃتا ملي، اُتي هو "ببنجامن فادين" جي نالي سان لکندو هو، فرانسيسي فوج سان وڙهندي، هي شاعر نازين جي ور چڙهي ويو ۽ ڪيس 1944ع ۾ گيس چيمبر ۾ مرڻو پيو.

'عاجز' سرگاٽي فرانسيسي فوج سان تہ ناهي وڙهيو ۽ نہ وري هو نازين جي ور چڙهي ويو آهي پر هو پنهنجي ديس تي رنجيت سنگهہ جي اولاد جا ظلم اڪين سان ڏسي رهيو آهي. هو اهڙن ظلمن کان بغاوت جو اعلان ڪري ٿو ۽ پنهنجي تخليقي عمل کي تيز ڪري انقلابي گيت لکي ٿو ۽ ماڻهن کي بيدار ڪري ٿو.

نياز همايوني ۽ ابراهيم منشي کانپوءِ قومي ۽ انقلابي شاعري کندڙ ڪيترائي شاعر خاموش ٿي ويا، اهي هينئر قومي استيجن تي ظاهر ناهن، ۽ نه وري پنهنجي انقلابي شاعري چپرائڻ لاءِ به تيار آهن، ان ماحول ۾ 'عاجز' سرگاٽي "آزادي جا گاڑھا جھنڊا" ڪتاب لکي ستل روحن کي جاڳايو آهي.

جڏهن اسان سنڌي ادبي سنگت، بادهه ۾ هوندا هئاسين ان وقت اسان جي تر جي سنن شاعرن جو ذڪر ٿيندو هو انهن ۾ شيرل بيوس باداهي، پيرل قمبر، دادن فقير ۽ عاجز سرگاٽي سرفهرست هئا. شيرل، پيرل ۽ دادن ته گهڻو وقت اڳ لاڏاڻو ڪري ڇڪا هئا. مون کي "عاجز" سرگاٽي سان ملڻ جو وڏو شوق هوندو هو پر شهر کان باهر نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو، ڪيتري عرصي کان پوءِ بادهه ۾سگا (سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن) وارن "ڪل سنڌ" مشاعرو ڪرايو هو، جنهن ۾ تاجل بيوس، احمد خان مدهوش، تاج جويو، سرڪش سنڌي، وسيم سومرو، ذوالفقار سيال، اياز جاني، عبدالغفار تبسم ۽ منڌار سولنگي سميت ڪيترائي شاعر آيل هئا، ان سڄي مشاعري ۾ "عاجز" سرگاٽي پنڌال کي گرمائي ڇڏيو. سندس شاعري پڙهڻ جو انداز به متاثر کندڙ هو.

اگر کو ڪربلا ڪري ته ڪربلا ڪري ڏجي،
نه چپ ڪجي نه چون چران، پوءِ آ ته آ ڪري ڏجي!
محاذ عشق جي چڙهي نه پوئتي نهارجي،
هي سر وڃي ته سئو دفعا پر سر فدا ڪري ڏجي!
سڄي جمار قيد ۾گذارجي "جي. ايم" ٿي،

وجود جي وقار لاءِ هو هوا ڪري ڏجي،
۽ ڪجي نہ ڪا منافقي ملي زهر جي پل ٽڪي،
اي "عاجز" اصول لاءِ آ ٻہ نا ڪري ڏجي!

سندس ان غزل پڙهڻ تي پنڊال ۾ تاڙيون وڄي ويون ۽ سڄي مشاعري ۾ ايڏو ڪنهن ٻئي شاعر کي داد نہ مليو جيڪو "عاجز" سرگاٽيءَ کي مليو، فوري طور تي تاج جويي "عاجز" کان پنهنجو غزل ورتو ۽ سنڌي ادبي سنگت، جي ٽہ ماهي پرچي ۾ شايع ڪرايائين، ان وقت ٽہ ماهي "سنگت" پرچو ڪتاب جي صورت ۾ ڇپجندو هو، جڏهن تاج جويو پاڻ سيڪريٽري جنرل هوندو هو.

"عاجز" سرگاٽيءَ جي قومي ۽ انقلابي شاعري اسان جي لاءِ وڏو سرمايو آهي، هن جي انقلابي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو وڏو رنگ شامل آهي، تازو سنڌ ۾ هلندڙ مزاحمت کان گهڻو متاثر ٿيندي نظر اچي رهيو آهي. ۽ پنهنجي ڪتاب "آزاديءَ جا گاڙها جهنڊا" ۾ غزلن ۽ نظم تي سچل جي گيڙو ويس پهرايو آهي، جيئن سچل سرمست سنڌ جي شاعريءَ کي هڪ نئون رنگ ڏنو ۽ اهو رنگ هزارين مولوين کي لوڙهي ويو هو.

هَلُ درازا هلُ،
تنهنجا سپ مُلان،
منهنجو هڪ سَچلُ (ايياز)

شيخ ايياز هڪ هنڌ لکيو هو تہ "آءُ روزاني صبح جو پٽائي جو رسالو پڙهندو هوس، هڪڙي ڏينهن سچل سرمست جو

رسالو پڑھيم ائين محسوس ڪيم تہ اڄ شينهن جي گوشت سان ناشتو ڪيو آهي"

"عاجز" سرگاٽي هن دؤر جو سچل آهي، جيڪو بين سڀني مولوي شاعرن کان بهتر آهي، هي انهن شاعرن کان گهٽو اڳتي هليو ويو آهي، جيڪي محبوب جي ذلفن ۽ محبوب جي ريشم جهڙين ٻانهن وارن خوابن مان ناهن نڪتا. "عاجز" سرڪاري ڪرسين تي ويهندڙ ۽ سرڪاري مشاعرن ۾ شعر پڙهندڙن شاعرن جي قطار ۾ شامل ناهي، هو انهن شاعرن کان ڪنڌائتو ٿي لکي ٿو ۽ ها اڄ جيڪي قومي شاعري لکڻ کان پاسيرا ٿي ويا آهن اهي 'عاجز' جي مزاحمتي شاعريءَ اڳيان لڄي ٿي رهيا آهن:

'عاجز' سرگاٽي پنهنجي قومي شاعريءَ ۾ سنڌ جي سمورن وڏن شاعرن ۽ انقلابي ماڻهن کي ڳٽيو آهي، مخدوم بلاول، پٽائي، سچل ۽ شاهہ عنايت سميت سمورن عالمن اڳيان هن سنڌ جو درد رکيو آهي.

سنڌ جا سردار سائين اي اڃها عبداللطيف،
جال هيٺا تون پسين ٿو پرجهلا عبداللطيف!

ڪو چنگيز آهي تہ چا ٿي پيو، مان بہ دولهہ درياهہ خان هان ديش جو،
ڪو دلال ڪو سندو روپ ڌاري پلي، مان محافظ نگهبان ديش جو!

هو پنجابين جي ظلم کي ڏسي پنهنجي شاعريءَ ۾ ظالمن کان پري رهڻ جي هدايت ڪري ٿو.

سڀني اها صلاح ٿوَ پنجاب کان پري رهو،
سموري سامراج جي عذاب کان پري رهو.

جڏهن سنڌ جي پاڻيءَ تي ڏاڙو لڳي ٿو، تڏهن به 'عاجز' خاموش نه ٿو رهي ۽ هو لکي ٿو ته:

ڪجهه پادر پاڻي ڪرڻو آ!
پاڻيءَ لئہ پاڻي ڪرڻو آ!
۽ ٻوٽ ٻلي جو ٻيڙو آ!
اعلان اهو ئي ڪرڻو آ!
يا غم آهي يا پرڻو آ!
يا مارڻو آ، يا مرڻو آ!

هن نظم ۾ 'عاجز' سگهڙ شاعر حافظ محمد بخش کان اثر وٺندي محسوس ٿي رهيو آهي، هن جو به پاڻي تي هڪ اهڙوگيت آهي.

پاڻيءَ تي اڄ پاڻي ٿيندو،
ظالم تو سان پاڻي ٿيندو!

'عاجز' سرگاڻي موجوده سياسي صورتحال ۾ مفاهمت تي به چگي خاصي نظر رکي ٿو ۽ هو ان کي نندي ٿو.

مفاهمت جي لفظن ماري نيٺ ڪيا نقصان،
مزاحمت جي مَهميرن ئي ملهايو ميدان.

هو ان ئي ساڳي گيت جي مُنڌ ۾ گالهه سڌي ڪرڻ بابت ڪجهه هينئن چئي رهيو آهي.

پاڻيءَ جي ڪا ليڪ نہ آهي آ پٽر جي هيءَ ليڪ.
آزاديءَ جي سيد جيڪا شروع ڪئي تحريڪ!

سنڌس هي سچو جو سچو گيت ڳائڻ جھڙو آهي، پر هي هڪڙو نہ هن جا سمورا غزل ۽ نظم جيڪڏهن ڪو فنڪار ڳائي تہ نوجوانن جا روح گرمائي سگهي ٿو.

عاجز سرگاٹي سانگهڙ سانحي تي بہ هڪ غزل لکيو آهي، جنهن جي ست ست ۾ درد سمايل آهي.

هڪ تہ ماريا ويا، ٻيو تہ ساڙيا ويا،
واقعو سانگهڙ جو تاريخ سنگين ٿيو!
موت ڪولاچي، قربان، روپلي جو ڏسي،
خوصلي جو بہ رُخ آهي رنگين ٿيو!

خوصلي جي رُخ کي رنگين ڪري پيش ڪري اهو شاعر جو ئي ڪمال ٿي سگهي ٿو.

'عاجز' سرگاٹي جا ڪتاب ۾ شامل سمورا گيت قومپرستي زنده باد "مخدوم بلاول موتي آ" "جنگ آزادي جي جاري آ"، "پنهوارن جي پگ بچايون" "جنهن جي سياست ڦرٽي ناهي" "بغاوتون شهادتون" "پنجاب کان پري رهو" ۽ "تہ مرڪي هوشوءَ جا ڪردار" سميت سمورا غزل ۽ نظم "آزاديءَ جي ڳاڙهن جهنڊن" سان گڏ سنڌ جي هوا ۾ جهولي رهيا آهن.

واحد ڪانڌڙو
قاسم آباد، حيدرآباد سنڌ
25 مئي 2011ع

غزل

واقعو سانگھڑ جو، تاريخ سنگين ٿيو

هڪ ته ماريا ويا، ٻيو ته ساڙيا ويا،
واقعو سانگھڑ جو تاريخ سنگين ٿيو!

روپلو ۽ سرائي ها ڏرتيءَ ڏٽي،
هي ته احساس ڪنهن کي بہ ڪو ڪين ٿيو!

هي رياست جي غندن جي حرڪت ڏسي،
منهن تي رومال ڏئي آ لڄي دين ٿيو!

ڪهڙي مُلي جي فتويٰ تي ساڙيا ويا،
ڪهڙو مفتي انهيءَ مان آ مطمئين ٿيو!

هانءُ سيهڙ جو ڪولاڇي بہ ڦاڙي ويو،
موت جنهن جو ڪراچيءَ ۾ مسڪين ٿيو!

نيٺ نورل ٿُنيي بہ شهادت ورتي،
سنڌ جيجل جو دامن بہ رنگين ٿيو!

وقت ناهي پري عيد اچڻي ته آ،
باغي مقتل سندي راهہ ڪان ڪين ٿيو!

موت کولاچي، قربان، روپلي جو ڏسي،
خوصلي جو رخ آهي رنگين ٿيو!

ديس آزاد جا کُل وسيلا وٽي،
جاڻ آزاد 'عاجز' فلسطين ٿيو!

تو لئہ مون لئہ چو هن قاهيون

تولئہ مون لئہ چو هن قاهيون ـ تون ۽ مان جو سنڌي آهيون،
ها ها بيشڪ سنڌي آهيون ـ قربانيءَ جي ڪنڌي آهيون!

منهنجو سنڌ سان ساهہ آ سبيل ـ مون کي خنجن جو پاڻي پيتل،
پَرمتڙيو بي نيمڪ ناهيان ـ آخر سنڌي ٻچو آهيان!

مون وٽ جوت حسيني آهي ـ غير جي بعيت ڪرڻي ناهي،
مَربو سر جو سانگو لاهي ـ مربو قوم جي قسمت ناهي!

سرهي قوم تان صدقي منهنجو ـ اڳ پوءِڪُٽڪو لاهيان ٽُنهنجو،
هاڻ سنڌي سي جاڳيا آهن ـ چورن ڀويان ڀاڳيا آهن!

سنڌ تہ ڪوکي خالي ناهي ـ اتبو ڪاهي سينو ساهي ،
ڪوڏر ڪانو سي سرتي ـ سر ڏبو پر سنڌ امڙ تي!

دنيا ۾ پل پو حيرت ڪائي ـ واهہ ويا جو تج ملهائي،
قومي جذبو ڏاڍو وارا ـ قوم تان آفت ٽاڙڻ وارا!

آزاديءَ جا جھنڊا جھلندا

آزادي جا جھنڊا جھلندا سنڌ جي ٻاري ٻاري تي،
سنڌي ماڻھون ڏڃندا ناھن ويريءَ جي وسڪاري تي!

ڪرفيو ڇا ڪينجھر کي ڪندو ڪرفيو ڇا ڪارونجھر کي،
تنھنجو داب نہ ھلندو ويري ڏٽي تي يا گھاري تي!

نيٺ تہ ٽوڙھي ڦاٽڪ وارو توکان وڌبو وير وري،
قومي جذبو جاڳي پيو آ موقعي مانجھند واري تي!

نيٺ تہ ڏاڍا واندا ٿيندا تنھنجي ڪنڌ تي وھندا ويري،
ھاڻ ڪٽي ويا آھن ھاري سارين جي لاباري تي!

ڪيسين ھيڏا ڪيس ڪندين تون تنھجو وارو پورو ٿيو،
ھاڻ سنڌي سپ جاڳيا آھن پنھنجي پنھنجي واري تي!

سڀ سلامت سنڌڙي رھندي سنڌؤ جي تہ ڪناري تي،
سر جي بازي ڏيندا سنڌي ڏوري ڪاري ناري تي!

ڪرفيو، ڪوڙا، بم ۽ ڦٽڪا تنھنجا دڙڪا ڇا آھن،
بينر آزاديءَ جا ڏسندين سڄي جي تہ ماري تي!

مرُڪي جيئن مخدوم بلاول مالڪ خشڪ ۽ ٻيا سورهه،
سنڌ جي نقشي جا پڙپوندا پٽ ڏٽي پلاري تي !

سن جو سائين سوپون ماٽيءَ 'عاجز' ايندو ويندوڪٽي ،
هر هڪ سنڌي هليو ايندو رهبر جي تہ اشاري تي!

تاڙ انقلاب جي

اسان کي هر طرح ۾ آهي تاڙ انقلاب جي،
سگهه عمل ۾ آڻبي هي ڌاڙ انقلاب جي!

جي ڪالا باغ ڏيم پي نهي تيار ٿيو تہ پو،
سنڌوءَ جي ڪپ تي ناهين تہ ماڙا انقلاب جي !

فڪر لطيف جا پڙهيل اُداس ٿي نہ هار دل ،
ونيِ ٽڪيت قوم کان نہ ڦاڙ انقلاب جي !

ڪلام سُر ۾ ساز ۾ غزل ۽ گيت بيت ۾،
اديب ائين ڪندو ئي آهي آڙ انقلاب جي!

اي لانگ بوٽ جا بُکيا هي گيت منهنجي ديس جا

پليت پير سان نہ پُون لَتاڙ انقلاب جي!

نندي وڏي جي وات ۾ چَني ۾ گهر ۾ گيت ۾ ،
لنوي ٿو قوم ساڻ ڏُنَ ڏراڙ انقلاب جي!

ڪچي قلعي پڪي قلعي ملير ۾ ڪٽي ملي،
جڳهه تي جلد کوڙبي ڪا پاڙ انقلاب جي!

گھرن مان گھر ڏٽي تڙي ننگن جون عزتون لُٽي،
هرو ڀرو نہ تون شڪل بگاڙ انقلاب جي!

اي 'عاجز' احتجاج لئہ سُڄي ٻُکي سماج ۾،
سڏي آ سامراج ڏي مُهاڙ انقلاب جي!

سرخ رنگ ناهيو دوستو

اچو تہ ڪل ڪنيءَ ٽي نئين اُمنگُ ناهيون دوستو ،
ڪِٽو ڪٽو ڪنو ڪريءَ ڪو سنگُ ناهيون دوستو!

تِريءَ تي سِرُ ڪٽي هلون صدا اها هٽي هلون،
تہ ديس لئہ دلير ڪو دنگُ ناهيون دوستو!

حساب قوم جو وني ڪتاب قوم لئہ لکي،
عظيم انقلاب لئہ ڪو انگُ ناهيون دوستو!

سبق لطيف کان وٺي سچل جي مارئي پڙهي ،
چَپي چَپي تي چاهتن جا چنگُ ناهيون دوستو!

اچو تہ پانهن ۾ ٽي ڏيئي جو وَٽِ تيل ٽي،
اماس رات ۾ جيئڻ جو ڍنگُ ناهيون دوستو!

ٽيار ڪر تبر تکي ڏي خون قوم کي لکي ،
تيار ٿي تہ ڪا تکي تفنگُ ناهيون دوستو!

امڙ جو حق ادا ڪريَ جڳا ۾ ٿي جدا ڪري،
سڪل زمين تي ڪو سرخ رنگُ ناهيون دوستو!

محاذ جنگ تي چڑهي – ڪلام شاه جا پڑهي،
هلو ته ڪو طريقہ ڪار جنگ ناهيون دوستو!

وڃي ٿي مند سانوڻي نهي پوي ٿي ڄانوڻي،
اچو ته دشمنن جي راه تنگ ناهيون دوستو!

سڪل زمين تر سندي ڪي خون جي ڏئي ندي،
لطيف جي ته پونءِ تي سبز جهنگُ ناهيون دوستو!

دريا خان اڃان ٿون ڪاٿي آن

هن ديس جا دولھ دريا خان، اڃا ٿون ڪاٿي آن،
بيداد مرن هن ديس سندا انسان، اڃا ٿون ڪاٿي آن!

جا سڪ سلامت پيار امن جي ڏرتي هئي مشهور هتي،
تا روز ڪڙا ٿين نفرتن جا طوفان. اڃان ٿون ڪاٿي آن!

جنهن ڏرتي لئي تو جنگ جوٿي گهور ٿئين جنهن قوم مٿان،
ان قوم ڪيا هن پنهنجن جا نقصان، اڃان ٿون ڪاٿي آن!

لٺ ڏاريئي جي هٿ پنهنجن جا ٿو پاڻ تي وسندي خوب ڏسان،
ڪَنَ تنهنجي تي ڪا دانهن بہ پهتي ڪانہ، اڃان ٿون ڪاٿي آن!

ڪو ڏاڙيلن جو روپ ونيِ ڪو گهر جو پاتي حاڪم ٿي ،
اڄ ماري ٿو ارغون مثل ارمان، اڃان ٿون ڪاٿي آن!

هن سنڌي قوم جو هڪ ٿولو آ قوم لئہ اهڙو ساماڻو،
جڏ سنڌ ۾ آيا مغل وري ترخان، اڃان ٿون ڪاٿي آن!

ڪو اغوا ٿيو ڪو ماريو ويو جنهن ڏينگ ڏيڻ کان آ روڪيو،
پڙهہ اخبارن ۾ روزانو اعلان، اڃان ٿون ڪاٿي آن!

هن حال تي اجرڪ ٽوپي سان گڏ موهن ڪان ٽي دانهن اڇي،
ٽي عَالِمَ قوم جا ٻڌ ٻيا حيوان، ايجان تون ڪاٽي آن !

جي ڏاڏي بابي چاچي هت مهمان ڪري ترسايا ها،
تن تنهن ديس جا ڳوٺ ڪيا ميدان، ايجان تون ڪاٽي آن!

ڪي ڪچي ۾ ڪي ڪراچي ۾ ڪي حيدرآباد جي بستي ۾،
گڏ سانگين لئه هِن سير جا ٿيا سامان، ايجان تون ڪاٽي آن!

جنهن ڏرتي جي ڪنهن ڪنڊ پاسي تو غير ڪي ڪابه نه جاءِ ڏني،
سا سنڌ جي ڏرتي آهي بڻي، لبنان، ايجان تون ڪاٽي آن!

اڄ هوشو سان اڇ هيمون سان اڇ دودي بلاول سان ڪني،
او 'عاجز' هن گيت سندا عنوان، ايجان تون ڪا ٽي آن!

ڌرتي دودي جي

جُڳ جُڳ جيئي شال ڌرتي دودي جي !
ڌرتي ۽ي خد دامن ورتي دودي جي!

ڌاريا آريا ءِ اڻ آريا ڌار ڪري،
پنهنجن سان آ ڌرتي پرتي دودي جي!

ڇال چينسر جوت جي چڪنا چُور ڪري،
پاڳهل ٻيلهه وڙهي ٽي سرتي دودي جي!

جيجل جا جنگ جوان ٻچا جرنيل ٿيو،
ٻائن لئه آ جاري پرتي دودي جي!

مست قلندر جي متوالن کان به مٿي،
موج مٿي مهراڻ جان مستي دودي جي!

ٻاڻ سڳي سان پيار وندينڊ توري ڏس،
قرباني ڪا ناهي سستي دودي جي!

قادر قاضيءَ جي ڪردار مان سمجهو،
ڪوڪ ڪني پنهوارن پهتي دودي جي!

ويس علاءُ الدين جا پائي ديس جي،
هوڏ ڪا هٽڻي ناهي هستي دودي جي!

'عاجز' ڪر اعلان اِهي اغيارن ۾،
بي واهي ڪا ناهي بستي دودي جي!

آ تہ نا ڪري ڏجي

اگر ڪو ڪربلا ڪري تہ ڪربلا ڳري ڏجي،
نہ چپ ڪجي نہ چون چران پو آ تہ آ ڪري ڏجي!

يزيد پنهنجي اقتدار جي خوس ۾ پل هجي،
حسين ٿي حقيقتن جو حق ادا ڪري ڏجي!

محاذ عشق جي چڙهي نہ پوئتي نهارجي،
هي سر وجي تہ سئو دفعا پو سر فدا ڪري ڏجي!

جي پير پٿر ۾ پائجي تہ خوف ۽ حراس ڇو،
جفا جي گام گام تي ڳسي وفا ڪري ڏجي!

نمازِ عشق ۾ ڪجي سدا خيال سرمدي،
اگر ڪا بزدلي ٿئي تہ پوءِ قضا ڪري ڏجي!

مقامِ تختِ دار تي هلاج ٿي هلڻ ڪپي،
۽ ڪل جنابِ شمس ٿي جُسو جدا ڪري ڏجي!

جي سچ ڪوڙ تورجي تہ ٿي بلال بيهجي،
اگر وجود پيڙجي تہ جي خدا ڪري ڏجي!

سڄي ڄمار قيد ۾ گذارجي جي ايئن ٿي،
وجود جي وقار لاءِ هُو هَوا ڪري ڏِجي!

ڪجي نہ ڪا منافقي ملي زهر جي پل ٿڪي،
اي 'عاجز' اصول لاءِ آ تہ نا ڪري ڏِجي!

گھوڑا گھوڑا

منھنجي رت سان ريٽا ريٽا هٿ دشمنن جا گھوڑا گھوڑا،
ڪارا ڪارا نازڪ سارا انگ ننگن جا گھوڑا گھوڑا!

ڏرتيءَ جاوا ڏرتيءَ هوندي بي گھر بازارن ۾ بکيا،
انگ اگھاڙا قرءِ ڏاڙا حال سندن جا گھوڑا گھوڑا!

موهن جي ورثي جا وارث دنيا کي تهذيب ڏيندڙ ،
پٽڪن پيا تا چوراهي تي لاشا تن جا گھوڑا گھوڑا !

ظلم جا ماريل منھنجا مارو کھڙا ڪھڙا سات سھائن،
لاش بچن جا هڪڙي پاسي مال لکن جا گھوڑا گھوڑا!

پيار جا پاليل باگھل جھڙي پيٽ جا ڏوڏا پاءَ مري ويا،
کھڙا ڏل سان مٽاءُ سنواري لاش پٽن جا گھوڑا گھوڑا!

ڪنھن جي لڄ جي نازڪ عضون کي ساڙيو ويو سگريٽن سان،
اڳ جڙ انڊي ءِ ڪن ٻوڙا ڪامورن جا گھوڑا گھوڑا!

قيامت ڪبريٰ ، صغريٰ ڇاجي ڪرب و بلا آه ڪراچي ،
غرشن تي پروانه پيا ڪن شعاع بمن جا گھوڑا گھوڑا!

ڏيهه ۾ هوندي جڙ پرڏيهه در در ٿا واجهائن وينا ،
تاجي پيٽا وارث اصلي ويري وطن جا گهوڙا گهوڙا!

جن جو سامي ، سڄل جن جو ، جن جو گهوٽ پٽائي پنهنجو،
جن لئه کاڌا کوڙ بلاول ڏک مغلن جا گهوڙا گهوڙا !

او هڏ ڏوکي هيڏا هاڃا ڪنهن کان لک لکوٽي ناهي ،
کهڙا کهڙا 'عاجز' اورين حال ڏکن جا گهوڙا گهوڙا!

لشڪرن کي مات ڏي

اِهي تون ڌار حوصلا جو لشڪرن کي مات ڏي،
ءِ رهبرن جي راهه ساڻ رهزنن کي مات ڏي!

نه هار جيت ڏي نهار راهه ۾ جهادَ لئِ،
سپاهه سوزوائي ۽ سڪندرن کي مات ڏي !

حقوق حاصلات لئِ وهن درياهه خون جا،
رسي رسول جي وئي منافقن کي مات ڏي!

اصول کان هٽي وڃي لڙي وڃي جو راهه کان ،
انهن جا ڪن نڪ ڪٽي اتي انهن کي مات ڏي!

وجود جي وقار واستي علم ايو ڪري،
نصاب ناهه کي پلا وڙهي برن کي مات ڏي !

سٽي اها صلاح ٽئي رڳو تون هر صلاح ٽي،
ڪکن پنن کي باهه ڏي، وڻن ڏڻن کي مات ڏي!

نوان نڪور لفظ جي رکڻ گهرين سماج ۾،
تہ ڪر وڏا پلا ڪري ننڍن ڪمن کي مات ڏي!

وڏيڪ کان وڏيڪ تر عظيم کان عظيم تر،
قدم وڌائي 'عاجزا' کا بزدلن کي مات ڏيا!

چار چپاٽون

بند جيئڻ جون سيئي واٽون ـ جيون آ يا قربٽيءَ لاٽون!

مان تہ امن جو پوڄاري پر ـ رات اويلو گھر جي اندر،
ٽوڪي ويو ڪو چار چپاٽون!

ماس هڏن تي ناهي پوءِ پي ـ خون پئيڻ لئہ ٽوڳي لوپي،
روز هٽن تا جهارا جهاٽيون!

بند حويليءَ جا دروازا ـ پوءِ بہ ڏڪا تازا تازا،
بند ڪيو سڀ روشن لاٽون!

پنهنجا اجهڙا ايرا ايرا ـ قاتل چولا گجرا گهگهرا،
پوءِ بہ اسان لئہ پوسٽ ٻاٽون!

مهميزن جا ماريل ماڻهو ـ ڪنڌ وانگر ڏاريل ماڻهو،
ڪنهن در ڏانهون ڪنهن وٽ ڌاٽون!

ڦير ڪنهن ۾ ڦاسي وياسين هڪ ٻئي جا دشمن ٽياسين،
ڦات پيا تا پنهنجا ڦاٽون!

تون ۽ مون کئي پاڻ تباهيءَ آن جون ڏين ٽيون يار گواهي،
پٽِ تي رت جون گاڙهيون چاٽون!

قومي غيرت يا ته مري وئي ـ سنڌ ۾ کهڙي باهه ٻري وئي،
کهڙا جملا جوڙيون کاٽيون!

توکان گالهه پڇان ٿو سائين ـ آخر 'عاجز' کيسين تائين،
سهبيون تنهنجون يار لپاٽون!

ٻج جي ٻاري پوکي

تو جا ٻج جي ٻاري پوکي ـ سڄڻ سنگيت ساري پوکي!

تنهن ٻج جي ٻاري ٻي آ ـ جنس ۾ ساڳي ساري ٻي آ،
ريس ٿي هر هڪ هاري پوکي ـ تو جا ٻج جي ٻاري پوکي!

تنهن جي هن ڪر ڪار تان صدقي ـ جُوٽ ۽ هر هٿيار تان صدقي،
پوک نہ تو ڪا ڏاري پوکي ـ تو جا ٻج جي ٻاري پوکي!

هر ۽ گهوبِ ساڻي تنهن جو ـ ڪوڏر ڏاتو ساڻي تنهن جو ،
ساڻي سائڻ پياري پوکي ـ تو جا ٻج جي ٻاري پوکي!

موج متيَ مهراڻ جو پاڻي ـ پوکي خاطر تو ڪر آڻي ،
تار تري ٿو تاري پوکي ـ تو جا ٻج جي ٻاري پوکي!

يُون ٻلي ڪيڏون ڪاهي ـ پٽر پيچي ۽ ٻارا ناهي ،
پوک ٻڌائي واري پوکي ـ تو جا ٻج جي ٻاري پوکي!

'عاجز' جي سرِ سان جا سائين ـ ڪڙهي پيارا قيامت تائين،
تنهن جي رهندي جاري پوکي ـ تو جا ٻج جي ٻاري پوکي!

دريا خان هان ديش جو

ڪو جي چنگيز آهي تہ چا ٿي پيو
مان بہ دولهہ دريا خان هان ديش جو!
ڪو دلال سندو روپ ڌاري پلي
مان محافظ نگهبان ديش جو!

ڪارو قانون ڪوڙيون رٽون اٽڪلون،
منهنجي مرضي سواءِ چوت ڪُلُ چلوليون،
مان جو خادم حڪمران هان ديش جو!

درس اهڙو ئي دودي ءَ ٻائيءَ ڏنو
خاص پيغام سچل ٻڌائيءَ ڏنو،
مان بہ اهڙو انسان هان ديش جو!

مون کي هوُشو جي ڪردار ٿي ناز آ
کهاڙي جي هٿيار ٿي ناز آ،
پنهنجي پر فني خان هان ديش جو!

ڪو يزيدي نہ مونسان ڪري معرڪو
مان حسيني سپاهي پڪو هان يڪو،
جو مان مومُن مسلمان هان ديش جو!

منهنجو 'عاجز' ارادو " آ ارڏو اٽل
مون ۾ مهراڻ جو پاڪ پاڻي پيل،
جو مان شاعر ثنا خان هان ديش جو!

سنڌي زبان پٽر جي

وڃائي وينا هُون سڃاڻپ ڇو اسان پنهنجي،
زبان غير مان جو پيو شڪايت ٿو ٻڌان پنهنجي!

وڃائي ڇو ڇڏي تهذيب آهي ير اوهان پنهنجي،
ڪيون وينا اکيون ٻوٽي تباهي تون ۽ مان پنهنجي!

سلامت پاڻ کان ناهي رهي افسوس جان پنهنجي،
اڏري ڪين پو به چال اهل ديش اڃان پنهنجي!

جو ماري ۽ ڪري اغوا ڦٽائي ننڊ نيٽن جي،
انهيءَ کي قوم ڪهڙي واسطي سان مان مڃان پنهنجي!

جو گوليون پي هٽي ڳولي ٿو پنهنجي قوم واري کي،
ڏسو طاقت ڪيئن آزمائي ٿو نوجوان پنهجي!

وڏي افسوس ۽ ويچار سان اهلِ نظر آڏو،
گلا سمجهو ٿنا سمجهو حقيقت ٿو ڪيان پنهنجي!

اهي جي حالتون آهن تہ ڪهڙيءَ طرح همدم،
وطن شل جڙي رهندي سدا سنڌي زبان پنهنجي!

سچل کي ۽ بلاول کي ۽ دريا خان دودي کي ،
پٽائيءَ کي سموري دانهن 'عاجز' ٿو ڏيان پنهنجي!

انقلاب جا کتاب

اچوَ تہ انقلاب جا ڪتابَ ڏي مَري وڃون،
نئين نسل جا نامور نصابَ ڏي مڙي وڃون!

سوال سامراج جي پڇي تہ پوءِ انهيءَ سندا،
جي ايم جي مثال هڙ جوابَ ڏي مريَ وڃون!

سوال جا جواب ڏيون سوال لئي زوال ڏي،
جهان مان وجون تہ لا جوابَ ڏي مري وڃون!

نہ ڪوَ ڪڇون نہ ڪو پڇوَن نہ ڪوَ پڙهون نہ ڪو لڙون ،
ائين نہ ٿئي خداَ ڏکي خرابَ ڏي مري وڃون!

نہ سر ٿيوَن نہ خاص ٿيون نہ خان ٿيون نہ جامَ ٿيون،
شهيد سڏ جا وٺي خطابَ ڏي مري وڃون!

نہ عام جا امام ٿيون نہ سر سندا سلام ٿيون،
ضميرَ جا امين بي حسابَ ڏي مري وڃون!

بشير ٿيون وجود جا نذير ٿيون اصول جا،
خمير ڏي زمين جا نوابَ ڏي مري وڃون!

سمهون ٿہ سوچ سان سمهون اُٺون ٿہ لوڻ سان اُٺون،
ائين نہ ٿئي جو وقت لئي عذابَ ٿي مري وڃون!

وڏائي عزم حوصلا اي ’عاجز‘! ننڍا وڏا،
اچو ٿہ قوم لاءِ ڪامياب ٿي مري وڃون!

ويڑهيچن سان ويل ڪٽي ويا

ڌرتي جا ڏاڙيل ڪُٽي ويا ڌرتيءَ مان،
ٿَر مان ترَ جا تيل ڪٽي ويا ڌرتيءَ مان!

وارث اصلي واڳ ورائي واهر ڪئي،
جابر جا ڪل جيل ڪٽي ويا ڌرتيءَ مان!

آزارن جا ماريل آخر آجا ٿيا،
تاحق وارا نيل ڪٽي ويا ڌرتيءَ مان!

بي اُلڪا ڪر سير سموري ڌرتيءَ جا،
خوني ڪوليون ڪيل ڪٽي ويا ڌرتيءَ مان!

ڪالو، ڪانيو، ڪرڙ، ڪنديري ڪي ڇڄجان،
قهري ڪنڊا سيل ڪٽي ويا ڌرتيءَ مان!

ٻهڪي ڪلهه ٻڪرارن ٻوليو او ٻانها،
ويڑهيچن سان ويل ڪٽي ويا ڌرتي مان!

جانو، جاڙي، جمن پارا جاڳي پيا،
ڪوڙا ڪل جرنيل ڪٽي ويا ڌرتيءَ مان!

ٽوٽن وارا ٽولا ٽوٽا ٽوٽا ٽي،
'عاجز' آخر هيل ڪٽي ويا ڌرتيءَ مان!

پڳ تي وڙهبو

منزل کان ڪجھ اڳتي وڙهبو
دودو بنجي دڳ تي وڙهبو،

موٽڻ مھٽو تانو آھي
جان جي ھرھڪ رڳ تي وڙهبو،

شاھ لطيف جي قوم اُٿي آ
پنھوارن جي پڳ تي وڙهبو،

چور پروڪا ساڏ پلي ٿي
توکان نڪتل سڳ تي وڙهبو،

عُمرَ اڇوڪا ٻڌ ڪن ڪولي
مارئي جي ڇڳ ڇڳ تي وڙهبو،

ڏرتيءَ جا ڏاڙيل ٻڌي ڇڏ
ويڑھيچن جي وڳ تي وڙهبو،

'عاجز' ٿي- مخدوم بلاول
جئندي وانگر جڳ تي وڙهبو،

ٿي وئي سنڌ تباهه

چاچا سمجهوتا اصلاح _ هٽڙي ٿي وئي سنڌ تباهه،
پاري پڇڙن اهڙي باهه _ هٽڙي ٿي وئي سنڌ تباهه!

ڪرسيءَ جو پوڄاري گڏجي _ ڏيم اڏن تا گڏجي سڏجي،
سوڪ سڪي ٿيا انَ ۽ گاهه _ هٽڙي ٿي وئي سنڌ تباهه!

پاڻي پدلي واري واري _ چال سموري هي آ ڏاري،
دانهين بانو ٿو درياهه _ هٽڙي ٿي وئي سنڌ تباهه!

نوٽ ڪمائي سنڌ ڪپائي _ جهونجهارن جي جند ڪپائي،
هُو ته هليا ويا هن همراهه _ هٽڙي ٿي وئي سنڌ تباهه!

پنهنجا هيرا هڙ مارائي _ رهبر راهن تان هٽرائي،
رهزن ٿيا سپ هڪاري راهه _ هٽڙي ٿي وئي سنڌ تباهه!

'عاجز' ڏرتي ويڙ ڪري ٿي _ ڳوڙهن سان درياهه پري ٿي،
موت سگهو تون سچل شاهه ـ هٽڙي ٿي وئي سنڌ تباهه!

مانار مت ماري وجهئي

آچار جو ويچار ڪر مانار مٽ ماري وجهئي،
اقرار جو اظهار ڪر مانار مٽ ماري وجهئي !

اغيار جي للڪار آخر مار جي وسڪار آ،
هل احتجاج اختيار ڪر مانار مٽ ماري وجهئي!

ڌرتي ڌڻي هوشيار باغي بہ ٿي ٻيزار ٿي ،
هٿ هاڻ ئي هٿيار ڪر مانار مٽ ماري وجهئي!

هر هڪ چوڪ ۽ چوسول تي ڪر چوڪسي چورن سندي،
چالاڪ چوڪيدار ٿي مانار مٽ ماري وجهئي!

ڪڙڪو ڪري ڏڙڪو ڏئي ڪڙڪو ڪهاڙي جو ڪيو،
ويڇهو وڃي ڪو وار ڪر مانار مٽ ماري وجهئي!

هي بندرگاهون ۽ ملون پيٽرول جون پيٽيون پريل ،
قبضي ۾ ڪاروبار ڪر - مانار مٽ ماري وجهئي!

هي چور هِن چالاڪ هِن ويڙهاڪ هِن ويري وڏا،
واڪا اِهي هر وار ڪر مانار مٽ ماري وجهئي!

هي پاڻُ وڏا ڏئي گهاوَ وڏا آيا ٻڌي پٽڪا وڏا،
تون ناهه کان انڪار ڪر ـ مانار مت ماري وجهئي!

تون ڇؤ ادا اڄ کان صفا تون مان جدا حافظ خدا،
نقطا اهي نروار ڪر ـ مانار مت ماري وجهئي!

هي تعصبي هي غاصبي هڏ ماس پي ويندئي پٽي،
پوشاڪ پهريدار ڪر - مانار مت ماري وجهئي !

هر ڳالهه 'عاجز' جي ٻڌي او سنڌ ڏرتي جا ڏٽي،
ڏرتي اباڻي ڏار ڪر ـ مانار مت ماري وجهئي!

ڪُچان ٿہ

لکان ٿہ هن جو هنيانُ ڏهي پئي_ ڪُچان ٿہ هن جي سنسي لَهي پئي،
اي سنڌ تنهنجا مان حق وساري _ سمهان ٿہ قسمت سڄي ڏَهي پئي!

مقام منهنجو هي عام ازخود سڃاڻي سڳهيو جي ناهي،
حقوق پنهنجا جي هٿ ڪيان ٿہ هن جي منهن تان لٽو لَهي پئي!

اناج منهنجو باغ منهنجا زمين منهنجي ۽ درسگاهون،
هي ماڳ منهنجا هي پاڳ منهنجا پچان ٿہ هن جي ڳِگَ وَهي پئي!

هي سنڌ منهنجي هي خير منهنجي پٽائي سڄل سنائي منهنجا،
غبار دل تي وڏي وڄي ٿو جي لوڏ ڏاري هتي رَهي پئي!

تيار ڏاڍا ڪري او هاري لوهار کان اڄ نوان نپائي،
محاذ تي من غدار واري قطار جو ڳاهہ اڄ ڳهي پئي!

غدار لئي ڪڍ سڳهو گليلي گليل ان ۾ ضمير کي ڪر ،
متي سندو مليل ڪاتي متان پري ۽ ٽٽون ٿهي پئي!

سياڻي پاري ۾ پوندي 'عاجز' لسني ٻہ ٽيندي مکڙ ٻہ ٽيندو،
سواد سرگاڻي تڏهن ايندو رڳو مَٽي ۾ منا مَهي پئي!

اسان اوهان جي ساڻ هون

هلو يزيد سان لڙو - اسان اوهان جي ساڻ هون،
محاذ جنگ تي وڙهو ـ اسان اوهان جي ساڻ هُون!

بلاول ٿي جي پيڙجو- اسان اوهان جي ساڻ هُون،
جي تخت دار تي چڙهو ـ اسان اوهان جي ساڻ هُون!

بغاوتون شهادتون عظيم ٿئي امانتون،
غيور ٿي اٿي ڪڙهو ـ اسان اوهان جي ساڻ هون!

نمڪ حلال ٿي لڙو سنڌو جي موج ٿي سڏي،
سڏي ٿو ڏوڪري دڙو ـ اسان اوهان جي ساڻ هون!

زوال سنڌ جو ڏسي لطيف ٿو لڇي اُٿي،
سچا ٿي سچ لئہ سڙو ـ اسان اوهان جي ساڻ هون!

عظيم ٿيو شهيد ٿيو اسير ٿيو ضمير جا،
جُسو جنجر ۾ جڙو ـ اسان اوهان جي ساڻ هون!

جُوا ۽ منشيات کان ـ انا ۽ تخريبات کان،
امين قوم جا مُڙو ـ اسان اوهان جي ساڻ هون!

اشعار انقلاب جا اي 'عاجز' لکي بڌي،
اٿو سڀئي وڙهو رڙهو ـ اسان اوهان جي ساڻ هون!

سيّد جا سپاهي جاڳن ٿا

رهبر به اسان جو ساڳيو آ، منشور به اسان جو ساڳيو آ،
نعرو به اهو ئي جاري آ، دستور اسان جو ساڳيو آ!

سيد جا سپاهي جاڳن ٿا اوجهاڳ سمنڊ پي جهاڳن ٿا،
هت هوڏ اسان جي ڪانه هٿي، منصور اسان جو ساڳيو آ!

جي - ايم به جن جنگ جوانن جا منشور پڙهي منصور ٿيو آ،
اڄ تائين به نغرو هوشو جو، مشهور اسان جو ساڳيو آ!

تون ايٽم بم تي پاڙ پلي مون لفظن جا هٿيار ڪنيان ،
ڏس ڪات ڪهاڙي ڪوڏر ۽، چنجور اسان جو ساڳيو آ!

مخدوم کي گهاٽي پيڙيو ويو مظلوم جو سينو چيريو ويو،
اڄ تائين اهائي ڪرب وبلا، بت چُور اسان جو ساڳيو آ!

صد سال مٿيا سيد نہ مٽيو، تحريڪ ۾ ڪا ترميم نہ ٿي ،
مضبوط ارادو سيني ۾ پرپور اسان جو ساڳيو آ !

سائين جي جنم جو ڏينهن جيئي، سنڌ سن جيئي، اهو شينهن جيئي،
'عاجز' به لکي ٿو لفظ اهي، مذڪور اسان جو ساڳو آ!

نظم

قوم پرستي زنده باد

سنڌو ديش جو نعرو ۽ تحريڪ هلچل زنده باد!
بي با ڪي بي باڪ بهادر واري بلڪل زنده باد!
جي ايم سيد جو منشور ۽ ڏيئو باريل زنده باد!
هوشوءِ جا الفاظ مرڻ جي وقت اچاريل زنده باد!
تنهن جي منهن جي جيجل ساڳي سنڌ جي ڌرتي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد قوم پرستي زنده باد!

شاه عنايت سچل سامي شاهِ ٻٽائي زنده باد!
جي ايم سيد، سائين حيدر شاه سنائي زنده باد!
دولهه دريا خان ۽ دودو باگهل ٻائي زنده باد!
سنڌ جي نياڻي سنڌ جي جائي هر هڪ مائي زنده باد!
هوش محمد شيديءِ جو هڻ هوڏ۽ هستي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد قوم پرستي زنده باد!

ڪات ڪهاڙي ڪوڙ ڏاڍو چاڙي ماڻي زنده باد!
سنڌ جو ڏوڻرو ڪير لسي ۽ ڏهي گهاڻي زنده باد!
آزادي جي آلاپن جي جهُو جهُو ماڻي زنده باد!
سنڌ جي رسم پرائي واري ٿو يو پاڻي زنده باد!
آنو ٽڪو پئسو پائي ماسو رتي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد، قوم پرستي زنده باد!
سنڌو جا ٻئي ڪچو توڙي پڪو پاسو زنده باد!

آزادي لئي ملندڙ مارون ڏکو داسو زنده باد!
هيمون واري هلچل خاطر هڪل هاسو زنده باد!
مڪلي ميهن محمود جو ملندڙ دم دلاسو زنده باد!
موٽن جي ميڙي ۾ منصوري من مستي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد قوم پرستي زنده باد!

موج مٿي مهراڻ جي مستي چوهه ۽ چولي زنده باد!
جيجل جي جهولي ۾ سڪيل سنڊي ٻولي زنده باد!
سنڌ ڪر آزاد اچين مٿل ماءِ جي لولي زنده باد!
هاري جي هٿ ۾ ڪا نياڻي پيئندڙ گليلي زنده باد!
پاڻي جي واري تي ڪٽندڙ هٿ جي بتي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد قوم پرستي زنده باد!

سنڌ جا ميلا ملهون گويون ڪڙن ميلون زنده باد!
آزادي جي اڏيلن سان پريل جيلون زنده باد!
رت ۽ اجرڪ جهڙيون سنڊي فلمون ڪيلون زنده باد!
انب ۽ ليمان ٻير سنڊي ۽ ٿر جا ڏيلهون زنده باد!
ٿر ۾ پٽ جي واري تامي جهڙي تتي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد قوم پرستي زنده باد!

ساڳي رسم وهائن واري پير ۽ وٽي زنده باد!
ٿر ۾ پائي واري پاڻياري جي مٽي زنده باد!
هٿ ۾ هر هڪ ٻار کي پهرين سنڊي پٽي زنده باد!

ٻکرارن جي هر هڪ ٻکري ڪاري ڪتي زنده باد!
سنڌ سموري ٻهراڙي سادي سستي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد، قوم پرستي زنده باد!

"عاجز" سنڌوديش هر هڪ وادي وادي زنده باد!
مومل راڻو ڪاڪ مهل تي نر ۽ مادي زنده باد!
هر هڪ سنڌي قوم لئه قرباني جو عادي زنده باد!
حال يا مستقبل ۾ ملندڙ هر آزادي زنده باد!
وادي مهراڻ جي هي هڪ واهڻ وستي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد، قوم پرستي زنده باد!
قوم پرستي زنده باد، قوم پرستي زنده باد!

پنجاب کان پري رهو

سڀني اِها صلاح ٿوَ پنجاب کان پري رهو،
سموري سامراج جي عذاب کان پري رهو!

ڏسو ته گهوٽڪي سنديون ٻنيون به ٿا ڪٽيون وڃن،
ڏسو ڪيئن اسان جي هر قرار کي لٽيون وڃن،
ڪيڏون ته ڪنهن نه ڪنهن طرح اسانکي ٿا ستيون وڃن،
رهون جي چپ ٿا ضمير منهن مٽو پٽيون وڃن،
ته پوءِ ڇو اڄان به انقلاب کان پري رهو!

جي احتجاج پيا ڪندو ڇا ڪندو،
اسن جو چوٽ هي اڄا سڄو سماج ڇا ڪندو،
اچي جي انقلاب ٿو ته سامراج ڇا ڪندو،
طبيب خود مريض آ اهو علاج ڇا ڪندو،
خدا جي واسطي انهي دولاب کان پري رهو!

پلي الڳ ابا هجن پلي جدا ادا هجن،
پلي جدا جُهڳا هجن پلي جدا ڏنڊا هجن،
پلي جدا وڏا هجن پلي جدا ننڍا هجن،
جتي هجن خوش هجن جدا پٽ سڪيا هجن،
هنئير ننڍن وڏن جي هر حساب کان پري رهو!

وڏن جي موچڑن ننڍن جا حال هي ڪري چڏيا ،
سهي سهي ننڍا به نيٺ موچڑا ڪٽي اڇيا،
بکيو گدڑ به شيهن سان لڙي پوي ٿو اي ادا،
انهي کان آ اهو چگو ننڍا جدا وڏا جدا،
وڏن سان گڏجي رهڻ جي ثواب کان پري رهو!

اوهان ڪيو عقوبتون اوهانکي سپ مباهه آ،
اسان ڪيون بغاوتون اهو وڏو گناهه آ ،
حتاڪ هڪ رسول آ حتاڪ الله آ،
وڏن ته خود هٿن سان ئي ڪيو ننڍو تباهه،
اڄان جو وقت اڇي خراب کان پري رهو!

مخدوم بلاول موٽ وري

هر بار جي بُولي بانيءَ ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
هر جوان کي ڏڪن چاتيءَ ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
هر جهور جي جهوني جهاتيءَ ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
هر ڪونڊر جو ڪنڊ ڪاتيءَ ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
اڄ موٽ ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن کي ڏيون چوٽ وري!

هر ماءُ جي خالي جهوليءَ ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
للڪار امڙ جي لوليءَ ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
باگهل ٽي باڏائي ٽي - مخدوم بلاول موٽ وري!
مهراڻ جي ڇوهي ڇوليءَ ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
اڄ موٽ ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن کي ڏيون چوٽ وري!

هر جهانگي جهونگهاري جهر ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
اڄ ٽوڙهي ڦاٽڪ جي پر ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
ڏاڙيل گهري پيا هن گهر ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
اڄ ديد آ هر هڪ جي در ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
اڄ موٽ ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن کي ڏيون چوٽ وري!

هر نياڻي ڇئي ٿي نياپن ۾- مخدوم بلاول موت وري!
آزاديءَ جي آلاپن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
هر ڇن ڇوي ٿي ڇاپن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
منصور چون ميلاپن ۾- مخدوم بلاول موت وري!
اڄ موت ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن ڪي ڏيون چوٽ وري!

هر آزادي جي گيتن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
ءِ سنڌي سُر سنگيتن ۾- مخدوم بلاول موت وري!
هن ديس جي رسمن ريتن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
ءِ جام شهادت پيتن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
اڄ موت ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن ڪي ڏيون چوٽ وري!

هر لکيڪ جي افسانن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
شاعري جي غزل و گانن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
تاريخ جي هر عنوانن ۾- مخدوم بلاول موت وري!
ٽلٽي ۾ سن ۾ پائن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
اڄ موت ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن ڪي ڏيون چوٽ وري!

تفسيرن ۾ تحريرن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
تحريڪن جي تقريرن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
تقدير جي تدبيرن ۾ - مخدوم بلاول موت وري!
مظلومن جي تصويرن ۾- مخدوم بلاول موت وري!
اڄ موت ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن ڪي ڏيون چوٽ وري!

سامي ۽ سچل جي سازن ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
فنڪارن جي آوازن ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
هم ديش ڇون همرازن ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
۽ سنڌ جي واقعن تازن ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
اڄ موٽ ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن کي ڏيون چوٽ وري!

'عاجز' جي اشارن آنهُن ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
هن ديشن جي دم دم دانهن ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
۽ قومي جنگ جي ڪاهُن ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
زنجير وڪوڙيل ٻانهن ۾ - مخدوم بلاول موٽ وري!
اڄ موٽ ته تنهنجي اوٽ وري - ڪا چورن کي ڏيون چوٽ وري!

جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت انساني قتلام ٿئي ـ جت قتل و غارت عام ٿئي،
جت تعصبن جي جنگ جام ٿئي ـ جت خون ٿکي نيلام ٿئي ،
ان بستي کان بيزاري آ ـ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت شور شرارت عام هجي ـ جت هر کو بي آرام هجي،
جت بي عزت بدنام هجي ـ جت هر کنهن لئه ماتام هجي،
ان بستيءَ کان بيزاري آ ـ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت سک سنڌو نا ساءُ ملي ـ جت هر کنهن ديم گهاءُ ملي،
جت ياءُ جو ويري ياءُ ملي ـ جت ويري هر ورتاءُ ملي ،
ان بستي کان بيزاري آ ـ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت آڏرياءُ ٿي گولي سان ـ جت هاجان ٿئي هک بولي سان،
جت ساڙ امڙ جي لولي سان ـ جت ظلم سنڌو جي چولي سان،
ان بستي کان بيزاري آ ـ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت اُن صفا اشراف ٿئي ـ جت ڏوهيءَ جي پُلَ معاف ٿئي ،
جت اوندهون انصاف ٿئي ـ جت قلب نہ کوئي صاف ٿئي،
ان بستي کان بيزاري آ ـ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت مظلومن جو ماهه ٻري ۽ جت ڪاڪ مثل سر ساهه ٻري،
جت جان ٿي لئي جولاهه ٻري ۽ جت بمن جي ٿي باهه ٻري ،
ان بستي ڪان بيزاري آ ۽ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت تخت ۽ تاج تي ٽيڪو آ ۽ جت ٻي جي حق تي ليڪو آ،
جت شر شرارت شيڪو آ ۽ جت ڪيرين وارو ٽيڪو آ،
ان بستي ڪان بيزاري آ ۽ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت سچ چوڻ تي پابندي ۽ جت شرم حيا نه ڪا شرمندي،
جت ڪورٽ ڪوڙ قيد ڪندي جت ڪا به زبان نه سچ چوندي
ان بستي ڪان بيزاري آ ۽ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت مور نه سچ جو دادُ ٿئي ۽ دادُ نه ڪو فرياد ٿئي،
جت ڪو به غريب نه شاد ٿئي ۽ جت نجت پيو برباد ٿئي،
ان بستي ڪان بيزاري آ ۽ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت اتفاق ۽ اتحاد نه ٿئي ۽ جت عاقل ڪو اولاد نه ٿئي،
جت ڪو پي زندهه باد به ٿئي ۽ جت حاصل ڪا به مراد نه ٿئي،
ان بستي ڪان بيزاري آ ۽ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت حق ڏيڻ تي حق تلفي ۽ جت قرب ڪندڙ سان ڪم ظرفي،
جت شابس پي پڻ بي شرفي ۽ جت مار مصيبت هڪ طرفي،
ان بستي ڪان بيزاري آ ۽ جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت هر سانگي سڪرات ۾ آ - جت هر ماڻهو فڪرات ۾ آ،
جت ويل وڏو هر وات ۾ آ - جت سُور لڪل سوغات ۾ آ،
ان بستي کان بيزاري آ - جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت ڪو به نه ٻيلو ٻُور جهلي - جت هر هڪ ساسي سور جهلي
جت گولي عورت جُهور جُهڪي - جت ڦٽڪا بار غيور جهلي،
ان بستي کان بيزاري آ - جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت ڪو به نه امن امان رهي - جت اوگو ٿي انسان رهي،
جت ماڻهو ٿي حيوان رهي - جت ننگن جو نقصان رهي،
ان بستي کان بيزاري آ - جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت ديس ٿي هڪ جاگير رهي - جت مير وڏيرو پير رهي،
جت ڪير کان بند صغير رهي - جت هر هڪ اک تي نير رهي،
ان بستي کان بيزاري آ - جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت مذهب جي بس اوٽ ملي - ۽ گهايل گهايل گهوٽ ملي،
جت چاق بَدن کي چوٽ ملي - جت غيرت بدلي نوٽ ملي،
ان بستي کان بيزاري آ - جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

جت آزاديءَ جي ڳالهه نه ٿئي - جت 'عاجز' کوخوشحال نه ٿئي،
جت مستُ مگن کو مال نه ٿئي - جت پاڻ پروکو حال نه ٿئي،
ان بستي کان بيزاري آ - جنگ آزاديءَ جي جاري آ!

آٽيون ڪا تبديلي ناهي

هر هڪ ست سريلي ناهي - آٽيون ڪا تبديلي ناهي!
وَرَ ءِ گھر جي بربادي ڪان - پوءِ رُلي ءِ باغي بنجي،
لڄ حيا جي لوئي لاهي - مرڻيا ٿي شرميلي ناهي،
هر هڪ ست سُريلي ناهي - آٽيون ڪا تبديلي ناهي!

رات ڏنم مخدوم بلاول - پوتر پونءِ جي تحفظ خاطر،
پٽ ڏٽي سان گڏجي ويٺو - ٽولي ٿو گوريلي ناهي،
هر هڪ ست سُريلي ناهي - آٽيون ڪا تبديلي ناهي!

پُوست پُوست رات لڳي ٿي - پونءِ سڄي تي سڄُ اُپاري،
سنگنين سان سينو ساهيون - تنظيمون ڪي ذيلي ناهي،
هر هڪ ست سُريلي ناهي - آٽيون ڪا تبديلي ناهي!

پٽ ڏٽي پيغام ڏنو آ - امن و استحڪام جي خاطر،
ننگي ننگر ۾ نڪري پئي جو، جوڙي ڪا جوشيلي ناهي،
هر هڪ ست سُريلي ناهي - آٽيون ڪا تبديلي ناهي!

'عاجز' جذبا جواني ماڻي - ڏينهن اَمنُ جا ڏيندا آٽي،
اوجاڳن جون ماريل اکڙيون، وجھنديون رات رسيلي ناهي،
هر هڪ ست سُريلي ناهي - آٽيون ڪا تبديلي ناهي!

مان اردڙو پٽ بلاول جو

هت ڪانو ڪتا ڪُل ڪامورا، مان ڪنهن جي ڪنهن جي ڪاڻ ڪيان؟
مان اردڙو پُٽ بلاول جو مان ڪاڻ به ڇا جي ڪاڻ ڪيان!

هِتُ رُوپ وَڻي پنهنجائپ جا ءِ خيال ڪٽي ارغونن جا،
هت روز ابوجهه انسانن لئه لک منصوبا هن خونن جا،
هت پاڻ مران پهنوارن لئه خود پار به ويهي پاڻ ڪيان!

هت ڏاڍ سان آ رُخ موڙيو ويو تاريخن جي عنوانن جو،
هت دؤر اڄان پي جاري آ مغلن جو ءِ ترخانن جو،
"مخدوم بلاول موتي آ"، مان ڳالهه پلا ڪنهن ساڻ ڪيان!

جو گهري نند ۾ پيو آهين تون قوم جا جوڌا جوان اُٿي،
اوهوشو، هيمو، ڪالاڻي، او دولهه دريا خان اُٿي،
تون بيهه ته ٽيرڻ ڪوٽ منجهان، مان بارودن جي ڪاڻ ڪيان!

اڄ ويري آيا واهر ٿي، ڪئين بهروپي هن ٻيلن ۾،
ماريا ته ڪچي جا ڳوٺاڻا ڪا ڪوٽ نه ٿي ڏاڙيلن ۾،
تون شاهد ٿي او پٽ ڏٽي! مان رت پريا پهراڻ ڪيان!

تون سارو رَتُ ۾ ريٽو آن، جو تو مان ڪو نه تو خون ڪُٽي ؟
يا ڏرتي جا ڏاڙيل مَرن يا جَلندڙ مهينو جُونِ ڪُٽي،
مان تو مان ڪهڙن راڄ ڏٺين جا لاشا اڄ مهراڻ ڪيان!

جنهن جي سياست قرٽي ناهي

تنهنجو منهنجو رهبر سائين ـ سنڌي سڄو ليڈر سائين،
سنڌ سڄيءَ ۾ جنهن جو نعرو ـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جيئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

جنهن جي فڪر و فن سان ساڻي ـ وڙهجي ٿو دشمن سان ساڻي،
قوم سڄي کي ساهه کان پياروـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جيئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

جنهن جي شنيهَن واري چاتي ـ جنهن جو مطلب مور نہ ذاتي،
هِن جو نعرو هوشوءَ وارو ـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جيئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

غيرت جي زندان جو قيدي ـ نہ ٿيو شينهن ڪُراڙو گيدي ،
غير غلامي جو آ مارو ـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جيئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

جنهن جي همت ڪرٽي ناهي،جنهن جي سياست قرٽي ناهي ،
قولن جو مضبوط منارو ـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جيئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

قوم کي آهي ناز انهيءَ تي ـ شاهه سچل جو راز انهيءَ تي،
جنهن جيجل جو حق اجاريو ـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جيئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

سنڌڙي جو هي پاليل پچو ـ پنهجي جيجل سان ٿيو سچو،
خون جنهن جو ڪٽو ڪارو ـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جيئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

واهه جو هي اڳواڻ مليو آ ـ سنڌين کي سَرواڻ مليو آ،
راهه حقي جو چيرو چارو ـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

سنڌ رهي آزاد سدائين ـ سنڌين ۾ اتحاد سدائين،
'عاجز' اهڙن جذبن وارو ـ ديش سموري جو دلوارو،
سوئي سائين جي ـ ايم سيّد، جيئي سدائين جي ـ ايم سيّد!

جُون جي تتل تائي جهڙو

تنهنجي همت تي آريسر کهڙا کهڙا لفظ لکان،
تون کان جيکر ماروئڙن جي محبت جا کي درس سکان!

تون ۾ سانگ آ سچل جهڙو تو ۾ خيال پٽائي جهڙو،
تو ۾ عزم و فڪر و فن آ، بلڪل شاهه سنائي جهڙو،
تو ۾ دودي جهڙي دل آ، روح آ باگهل ٻائي جهڙو ،
تنهجي سيني ۾ ست آهي، جون جي تتل تائي جهڙو،
ثاني شاهه سنائي تون آ، تنهجو ثاني کو نه ڏسان ،
تنهنجي همت تي آريسر کهڙا کهڙا لفظ لکان !

تنهنجو عبدالواحد آريسر نالو نشان ٻڌي،
جان عدوَ جي لرزش ۾ پئي دڙکا ۽ دهمان ٻڌي،
سنڌڙي ٻي پٽ سينو ساهيو تنهنجو جوڌا جوان ٻڌي،
قوم ڪري ٿي سڏ تنهنجي تي آزادي اعلان ٻڌي،
تنهنجي ڏاهپ ذات تي ڏاها، ذات سڄي قربان ڪيان،
تنهنجي همت تي آريسر کهڙا کهڙا لفظ لکان!

عمر سڄي ۾ آزادي جي ڪاڪ ڏي منزل ڪاهي تو،
پاڻ کي تڪليفن ۾ آڻي قوم جي قسمت ناهي تو،
ماروئڙن لئه قيد ڪٽيندي مور نه ٻڌي ساهي تو،
ڏاڍن جي ڏهڪاءُ ڏمر جي ڪوڙي ڪوٽ ڏاهي تو،
توکي قومي آزادي جي تحريڪن جو باب چوان !
تنهنجي همت تي آريسر کهڙا کهڙا لفظ لکان!

بغاوتون شهادتون

امن جي آڙ ۾ اسان تہ حق ونڻ نہ ڏنا سگهون،
۽ ڪوڙ تي هي قوم پي ڪري ڪنڊي نہ ڏنا سگهون،
انهيءَ جِي واسطي پيون اسان کي ڪجهہ ضرورتون،
بغاوتون ۔ بغاوتون ۔ شهادتون شهادتون!

چئو ڏنا حق پڻي وڻون ۔ اچو وڙهي پڻي وڻون،
هلو سچل ۽ شاه کان صلاح و روشني وڻون،
اسان جي جيت جيت آ انهن سنديون امامتون ،
بغاوتون بغاوتون ۔ شهادتون شهادتون!

هُو سرجي سانگ تي چڙهيا ۽ ماڳ ماڳ تي وڙهيا ،
نہ کسڪيا، نہ ڪرڪيا، نہ ڪي ڀڳا، نہ ڪي مڙيا،
اسان جي سورمن ۾ ڪيترين هِن صلاحيتون،
بغاوتون بغاوتون ۔ شهادتون شهادتون!

هن سنڌ ماءُ جا ڄڻيا ۔ سڄي جهان کي وڻيا،
اسان انهن جا پاءُ هون اسان ۾ آ اُها مڻيان ،
مان ناتا ڪيترا اُڻيا عظيم تن جون عظمتون،
بغاوتون بغاوتون ۔ شهادتون شهادتون!

عظيم قوم جا بچا ـ نہ ٻيو بلو نہ ٻيو ڪو ٻچا؟
سُور صفا نٿيا سنچا ـ جُداجھگي جي دم مچا،
ميار ماءُ جي نہ چا ـ نہ هار هوش همتون،
بغاوتون بغاوتون ـ شهادتون شهادتون!

وڙهڻ جو وقت آ ادا نہ وهي وسيلو نہ ٿي،
ڏلو نہ سيلو نہ ٿي ـ ڏنل پلا ڳلو نہ ٿي،
پلي بنا هي غير ٿو ڪري ٻيا قيامتون،
بغاوتون بغاوتون ـ شهادتون شهادتون!

تون سڏ تہ سڀ هليا اچن ـ تا 'عاجز' رليا اچن،
ننڍا وڏا ڳڙيا اچن ـ ڪٻيون ڏنڍا ڪِلا اچن،
اچون اچون ڪندا اچن ـ اهي ٿي اڄ جون حالتون،
بغاوتون بغاوتون ـ شهادتون شهادتون!

رسالوءِ زبان پي

اي سنڌ جا سلطان ءِ سردار ٻڌائي ـ ٽوقوم کي لاريب سڌي راهه ٻڌائي،
تو سنڌ جي تاريخ ءِ تهذيب وڌائي ـ تو قوم جي جوڌن جي ڪئي راهه نمائي،
تو سنڌ جي تهذيب آ چوٽي پڄائي ـ اغيار جي هر چال مٽيءَ منجهه ملائي!

تو پاڻ ڪئي وطن ساڻ وفائي ـ تو ديش جي دستار بچائي ٻڌائي،
تو ماءُ مني جي آسچي تج ملهائي ـ تي تنهن جي پيغام سان سورنهن ۾ سڃائي،
هو جوان وري قوم لئه جا نه ڪري ويا. تاريخ جا سپ باب شجاعت سان پري ويا!

تو خلق خداون کي بيتن ۾ سُڌاريو ـ تو شاهه ولي ديش سندي پٽ ۾ ڳڌاريو،
تو رستو غلامي مان ٻچڻ جو آ ڏيکاريو ـ تو قوم ستل کي سجاڳي اڌاريو،
هي آهي سند ءِ سنڌ تي احسان ٻڌائي ـ او سنڌ جي تاريخ جا عنوان ٻڌائي!

اقبال ءِ غالب ۽ ٽيا تنهنجا سلامي ـ اردو جي اديبن ۽ ڏني آهي غلامي،
تو سنڌ جي بوليءَ کي ڏنو اوج گرامي ـ بيتن مان ملي ديش سان تو چاڻ مُدامي،
جيئي سنڌ جي تهذيب جا اڳواڻ ٻڌائي ـ اي سنڌ جا سالار ءِ سرواڻ ٻڌائي!

تو غير سان ڪاڏي آوڏي چوٽ ٻڌائي ـ تون سنڌ جو اڀنگ آن اڀ موٽ ٻڌائي،
ڪنهن پي نه وٽيا تنهن جي اڳيان نوٽ ٻڌائي ـ قرآن سنڌي ۾ تو لکيو گهوٽ ٻڌائي،
تون سنڌ جي علماءِ جو استاد ٻڌائي ـ بولي تو ڪئي آهي زندهه باد ٻڌائي!

آ مارئي کي ملڪ جو پيغام ڏنو تو ـ جوش ءِ جذبات سندو جام ڏنو تو،
ءِ حق جو پيغام سرعام ڏنو تو ـ پيغام اهو رات صبح شام ڏنو تو،
تو دل جي ميل همت وغير کي جيارپو ـ تو قوم ستل کي آهيڪل ساڻ اڌارپو!

هي سنڌ هلي پئي ٿي سڄڻ تنهنجي سهاري ـ الله ڪري سنڌي هتي سُکيو گذاري،
بس دل مان ڪيو ساڻ ۽ ڪيني کي بهاري . سنڌي ٿي پيا سامر تنهن جي سهاري،
تون تنهنجي عنايت جي 'عاجز' تي نظر ڪر ـ آباد سڄي سنڌ سندو شهر شهر ڪر!

ڪنارا پٽ ڏٽي

سنڌ جا سردار سائين اي اَجها عبدالطيف،
حال هيٺا تون پسين ٿو پرجهلا عبدالطيف،
ظلم جا هي معاف ٿين ڪي مرحلا عبدالطيف،
تنهنجي رحمت جي ڪپي پئي ٽي سخا عبدالطيف،
حال هيٺن جي ئي ڪشتي جا ڪنارا پٽ ڏٽي،
سڌ سان ڏي سڌ سانگين جا سهارا پٽ ڏٽي!

ٿو ڏسان اڄ ڏينهن تڪ انڌير ساڳيا سنڌ ۾،
دشمنن پختا ڪيا هِن پير ساڳيا سنڌ ۾،
اوج تي تن جا چڙهن ٿا ويڑ ساڳيا سنڌ ۾،
آڻ هيمون هوشو جهڙا شير ساڳيا سنڌ ۾،
ڏي تون سنڌين ڪي فتح وارا اشارا پٽ ڏٽي!

جن ڪيا هن قيد مارو هي پيارا سنڌ جا،
جلد ميدان ۾ تون ڏسندين سر تن جي ڪنڌ جا ،
ڪين تون ڏسندين نشان باغي جي هڪڙي سنڌ جا،
ٽيا اٽي سرويچ هاٽي سنڌي اهڙي پنڌ جا ،
ٿا مدد توکان گهرون هر دم پلارا پٽ ڏٽي،
پيچرا پختا ڏسيو ۽ نيڪ چارا پٽ ڏٽي!

حال سنڌين تي سياڃها نيڙ نارا ٿا وهن،
ظلم جا مظلوم ماريل ڪين ٿا ڪنهن سان ڪُجن،
ظلم تو تن سان ٿئي جي ڪجهه ڪٽي ڪنهن کان پُڇن،
حال هيٺا منهنجي مارن جا ڪيا ڏاڍن ڏکن،
جي وري مڇريا اهي ڏيڑا ڏکارا پٽ ڏٽي،
دشمن جا ڪند لاهيندا هزار پٽ ڏٽي!

سنڌ يي مارن متن جي قيد يي مارو منا،
وقت هلندڙ تائين ڏکڙا ڪيترا ڏوٽين ڏنا،
ڪيترا جا برسندا سانگين ستم آهن سنا،
مال وانگر ڪي ڏکن ۾ ڪي مثل ٻڪرا ڪنا،
حال تو معلوم سنڌين جائي سارا پٽ ڏٽي،
آب احمر ٿا وهائن نيڙ نارا پٽ ڏٽي!

تو ڪري هي عرض 'عاجز' عرض بڌ ءِ داد ڪر،
اي لکي لالڻ تون سنڌين ساڻ ڪا امداد ڪر،
سنڌ ءِ سنڌين جي ويرين کي سدا برباد ڪر،
ءِ قيامت تائين سنڌين ساڻ سنڌ آباد ڪر،
منهنجا مقصد شل ٿين پورا پيارا پٽ ڏٽي،
اي خدا جا داڏلا دلبر دلارا پٽ ڏٽي!

اوريون کي احوال سچل

اڄ اوري آءَ تہ ٿو سان ڪريان ڏردن جي ڪا گالهہ سچل،
ماروئڙن جا پاڻ ۾ ويهي اوريون کي احوال سچل،
زوَر ظلم سان ٿي ويا ڏاڍا، ڏيرا مارو مال سچل،
اکيون تن جون سائين هيڻا تن جا حال سچل،
لهہ ڪا سار سڀاڻهن جي ٿون جلدي ڪر ڪو داد سچل،
ٿوبن ڪنهن جي درتي دانهون ڪنهن کي ڏيون فرياد سچل!

مسڪين کي مارن وينا ظالم هي زردار الا،
ماروئڙن تي کهڙي ڪڙکي آهي ميصبت مار الا،
تنهنجن منهنجن سانگيئڙن جي ٿي وئي آهي هار الا،
ڏاڍي تن کي تنهنجون دعائن جي آ درڪار الا،
سيگهہ منجهارن لهہ ڪا سائين سانگيئڙن جي سار سچل،
باجهارن جا بڏندڙ ٻيڙا ترهي بنجي تار سچل!

ڪوهيارن کي قيد ڪتيندي گذريا صديون سال ميان،
تن جي قولن ۾ ڪا ڪمي آئي ڪانهي ڪال ميان،
مارو ملڪ ملير لئہ وڙهندا ويتر سال و سال ميان،
بني ونيءَ لئہ وڙهندا ٽيندا رت ۾ ريتا لال ميان،
قومي جذبو جاڳي پيو آ ٻيڙا ٽيندا پار سچل،
جوان ۽ پوڙها وڙهندا عاجز نندڙا وڏڙا يار سچل!

پڪ سمجھو سنڌ جو چاڑھو نہ ٽيو

جيستائين بند هي ڏاڙو نہ ٽيو ۔ پڪ سمجھو سنڌ جو چاڑھو نہ ٽيو،
سنڌ ڏرتي جنھن ۾ٽائي کي ڇٽيو ۔ مرتضيٰ سنائي کي ڇٽيو،
ان جيجل جي بري حالت ڏسي ۔ قوم لئہ قرب و بلا قيامت ڏسي،
رت ڪنھن جو جوش ۾ گاڑھو نہ ٽيو ۔ پڪ سمجھو سنڌ جو چاڑھو نہ ٽيو!

جي اجا قرمار ۽ ڏاڙا رهيا ۔ لوفرائي راھ ڏي لاڙا رهيا،
خون، اغوا ۽ اجا گولي هلي ۔ رت ريٽي جي اها هولي هلي،
پاپ کان پالھو اجا پاڙو نہ ٽيو ۔ پڪ سمجھو سنڌ جو چاڑھو نہ ٽيو!

روز ٽئي ٽو مال و زر جو خاتمو ۔ جان عزت گھر جو خاتمو،
قوم سان ٽو قوم جو ڪانيو وڙهي ۔ هي ڏسي ڪئي دانھن مؤئن جي ڏڙي،
جي لطيفي لات ڏي لاڙو نہ ٽيو ۔ پڪ سمجھو سنڌ جو چاڑھو نہ ٽيو!

ياءَ کي ٽو ياءَ ماري يا ڪٽي ۔ يا ڪُھري ٽو ڀُنگ يا گولي هڻي،
ريت اھڙي جي اجا جاري رهي ۔ قوم لئہ هر رات هينئن ڪاري رهي،
جي تنواري تند کو تاڙو نہ ٽيو ۔ پڪ سمجھو سنڌ جو چاڑھو نہ ٽيو!

قومي شاعر فرض ٽو پورو ڪري ۔ هي بہ 'عاجز' قرض ٽو پورو ڪري،
وات ڪھڙي آ ڏڏي ڪھڙي سڏي ۔ هيڏي ساري نصيحت کي ٻڌي،
جي احا يي جوان هي چاڑھو نہ ٽيو ۔ پڪ سمجھو سنڌ جو چاڑھو نہ ٽيو!

ته مرڪي هوشوءَ جو ڪردار

پاڻيءَ جي ڪا ليڪ نہ آهي آ پٽ جي هيءَ ليڪ،
آزاديءَ جي سيد جيڪا شروع ڪئي تحريڪ ،
ڪوڪ ڳڻي پنهوارن پهتي وڙهندا ويرِ وڏيڪ ،
تنهنجي منهنجي منزل ساڻي اچي وئي نزديڪ ،
عدم تشدد وارو جملو ڪڍي ڪڍو هٿيار،
ته پهڪي سيد جي مزار ته مرڪي هوشو جو ڪردار!

سچ جي خاطر گهاٽي پيڙيو مرڪيو ته به مخدوم،
قوم بلاول جي ڪيئن رهندي مجبور ۽ محڪوم،
سوچ سگهو نہ ته هڙئي حرامي ڪندا ويندا محروم،
هاڻي نہ ڪوئي ظالم رهندو يا ڪوئي مظلوم ،
ڪانياڻيءَ جي هڪ ڪڙي سان جهوري وجهه هي جهار،
ته پهڪي سيد جي مزار ته مرڪي هوشو جو ڪردار!

تحريڪن ۾ سال لڳن ٿا سال ڪٽي ويندا،
هيٺا هيٺا هيٺا ٿيندا حال ڪٽي ويندا،
لال لهوءَ ۾ لال لڪين رومال ڪٽي ويندا،
صدين ڪان جي سوال ڪرين ٿو سوال ڪٽي ويندا،
پلا پاڪر پيندڙ ڪڍي تون مار هڙئي مردار،
ته پهڪي سيد جي مزار ته مرڪي هوشو جو ڪردار!

مفاهمت جي لفظن ماري نيٺ ڪيا نقصان ،
مزاحمت جي مهميرن ئي ملهايو ميدان ،
مار تنهن جو مان مٽابهوڻ مري پئين ته مهان ،
بزدل بازي هاري ويندا ڪنيندا درياخان ،
جيجل جو جڻ ڪير ملهائي نانگا ٿي نروار ،
ته ٻهڪي سيد جي مزار ته مرڪي هوشو جو ڪردار!

تنهنجي مال تي مارا ماٺهو ٿي ويا مالا مال ،
پوءِ به تنهنجو گهر ڏٺيءَ مان ڪوٺ ڏسان ٿو حال ،
جوت چنيسر واري چڪنا چور ڪري هر خال ،
گهر در پنهنجا گهٽ سنياليو ويهي رهه هر سال ،
ڪات ڪهاڙي ڪوڏر ڏانو چائو چوڪيدار ،
ته ٻهڪي سيد جي مزار ته مرڪي هوشو جو ڪردار!

ڏوڏيلا هي ديهر سمورا ڏاهي ڇڏ سارا ،
ڏورا نارا اٽلي پوندا پنهنجا سڀ نارا ،
جيئي ٿنڊ لڏائين جيئي مار اهي نعرا ،
سازيون ڪٽڪ ۽ لوسڻ وارا جهومن جيئن ٻارا ،
بني بني تي ٻار اپائي آن جا ڪيچ ڪرار ،
ته ٻهڪي سيد جي مزار ته مرڪي هوشو جو ڪردار!

ناظر، منسٽر، آصف، جو، اتحاد، به، گڏ، توسان،
سرڪش ۽ مدهوش ۽ منشي، شاد، به، گڏ، توسان،
تاج، مجيدي، خاڪي، دادن، داد، به، گڏ، توسان،
سائل ۽ سرويچ، عادل، آزاد، به، گڏ، توسان،
تون، به، چئو، آزاديءَ، جو، نعرو، هڻ، نروار،
ته، بهڪي، سيد، جي، مزار، ته، مرڪي، هوشو، جو، ڪردار!

'عاجز'، راشد، آريسر، استاد، به، گڏ، توسان،
تاجل ۽ شمشير، اياز، امداد، به، گڏ، توسان،
سچل، سامي، شاه، سندا، ارشاد، به، گڏ، توسان،
فڪر، سيد، سندڙي، زنده، آباد، به، گڏ، توسان،
آزاديءَ، جا، گاڑها، جهنڊا، جهولائي، هل، يار،
ته، بهڪي، سيد، جي، مزار، ته، مرڪي، هوشو، جو، ڪردار!

ننڍڙا نماڻا

اڄا جي رهيا ڏهن پنهنجا پراڻا،
ڏٻا دشمنن کي جي هٿ دوستاڻا،
ته پوءِ ٽاڪ ٽيندا سيئي تنهنجا ٽاڻا،
ته پوءِ تهنجا حق ڇُنا مالڪاڻا،
اڄا جي رهياسين اڻوجهه اياڻا،
ته گهر گهاٽ ٽيندا ننڍڙا نماڻا!

سجاگيءَ جو آ ڏؤر اک کول ساڻي،
اکر آڇيي جا ٻه ٽي بول ساڻي،
اڻي ڏيهه مان کيڏ ڏڇا ڏول ساڻي،
ڳلو زندگيءَ جو سگهو ڳول ساڻي،
رهيا تنهنجا راڄن اهڙا اياڻا،
سچا سيبتا ءِ سگهارا سياڻا!

هميت ساڻ ڪر ڪا حقن جي حفاظت،
هي ورثا وسائل اباڻي امانت،
رهي سنڌ آ صدين کان سلامت،
پچاڙي ۾ موڪا ڪٽي مت ملامت،
مڏيون مال محفوظ رک مائٽاڻا،
متان ائين وڃائين دليريءَ جا داڻا!
ته پوءِ ٽاڪ ٽيندا سيئي تنهنجا ٽاڻا

سڄي سنڌ ڏرتي جي ڪيني ڪمائي ،
سڄا سامراجي ويا ڪوڙ ڪائي،
وڏئون ماري ڪيئن ماروي سنڌ جائي،
اڃان ٿو چوين تون ته ٿيندي ڇگائي،
لهو لال ڪيئي ٿيا راڄ راڻا،
ڪمينن سندا ڪم ڪئي ڪافراڻا!

اٿئي چاپلوسي هي رهزن رواجي،
سڄا ڪونہ ٿيندا ستور سامراجي،
سَنا قوم سيد ڄڻي صدما سماجي،
قدم کو اٿي کڻ اڏا احتجاجي،
انهن کي ڇگي ريت ٿو مان سجاڻا،
انهن جي جيڪي تمنا ڏٺئي لاڙڪاڻا!

ڇگو ٿئي مڪارن جي ڇڏ دوستي ،
ڇڏي عارضي ڏي خوشامد خوشي،
ڏٺا زهر ٿئي جن سڄي زندگي ،
ملن مت ميارون کي جيجل منهي،
ٻچا تنهن ڏرتي ٽکي تي وکاڻا،
متان سنڌ 'عاجز' ڪري پو پڇاڻا!

هي جهار نہ جهرڪي رهڻي آ

ڪجهہ پادر پاڻي ڪرڻو آ
پاڻيءَ لئي پاڻي ڪرڻو آ
غ پوٽ ٻلي جو پيڙهو آ
اعلان اهوئي ڪرڻو آ
يا غفر آهي يا پرڻو آ
يا مارڻو آ يا مرڻو آ

پالش ڪڻي آ پادر لئہ
هن ڏور جي نادر لئہ
مڪارن هن دل ڪارن لئہ
غدارن لئي اهيارن لئہ
جي ڏيمن جي ٿا لاف هڻن
ٿا جياڙي سڏ خلاف هڻن

اڄ ڪاهہ اڻي تنهن ويري ٿي
پنجاب جي ونگ وڏيري ٿي
خاموش رهين هر پيري ٿي
ڪٽ هاڻ گليلي گيري ٿي
هي جهار نہ جهرڪي رهڻي آ
پر ڪوشش ٽوڪي ڪرڻي آ

اڄ ڪٽڪ ۽ ساريون سار، اٿي،
نہ تہ ڪائي ويندي جھار اٿي،
ائين مفت نہ ڪا ٽون مار اٿي،
ڪر هٿ پنهنجا هٿيار اٿي،
هي انب ۽ ڪيلا تنهنجا هن،
هي گهٽا ٻيلا تنهنجا هن!

هي سولي ناهي سار ادا،
ڪجھ ڏيان اندر ۾ ڏار ادا،
جي آيئہ سر تي بار ادا،
اٿي سنڌ جي سينڌ سنوار ادا،
اڄ سنڌ جي وڪري بازي آ،
اڏ زاج رڻ اڏ راضي آ!

او پاريچا او لاڙيچا،
او اترادي او ڪچي جا،
او ٿر جا ٿري ماڙيچا،
او ڪانيو ماٺهون ڪاچي جا،
اڄ سينو تاٽي نڪري پئو،
سر سانگ تي آٽي نڪري پئو!

حالات سڃاڻي نڪري پئو،
سر سنڊ سان پائي نڪري پئو،
هاڻي جو هاڻي نڪري پئو،
ميدان کي ماڻي نڪري پئو،
نقصان نفعي کي ٿور ڪٽي،
پو پيدا ڪر ڪو شور ڪٽي!

تقدير سنواري وڃ پنهنجي،
ڀ ٻيڙي تاري وڃ پنهنجي،
هر چال سڌاري وڃ پنهنجي،
جند جان جياري وڃ پنهنجي،
جي ديم مخالف ناهي ويا،
جڙ قوم جو ڪم ئي لاهي ويا!

عاجز، به اياڻو چو ٿيندو،
هر ٽاڪ تي ٽاڻو چو ٿيندو،
هر گهات تي گهاڻو چو ٿيندو،
هي شعر پراڻو چو ٿيندو،
هر ڳالهه ٿو سمجهي سرگاڻي،
درياه ۾ وهندو ڦل پاڻي!

پَنُو هي سامراج جا

امير ميرَ پير سڀ نندا وڏا وزير سڀ،
اهي وڪيل ضمير سڀ - اِهي ڪٽل ضمير سڀ،
پنو هي سامراج جا _ ۽ پاليل پنجاب جا،
چون ٿا ڏيم ناهبو _ اسان ڇئون ٿا ڏاهبو!

اگر عزم اٽل هجي _ ننڍو وڏو پٽل هجي ،
پوءِ ڏيم ڪو ٽل هجي _ جو نہ سنڌ لڪيل هجي ،
جبر سان سينو ساهبو _ سرن جا سانگ لاهبو،
چون ٿا ڏيم ناهبو _ اسان ڇئون ٿا ڏاهبو!

پني جا گل گلاب جا _ سپاهي سامراج جا،
اسان منڊ عذاب جا _ وڏي اسي پنجاب جا،
جڏهن قهر ڏي ڪاهبو _ سرن جو سانگ لاهبو،
چون ٿا ڏيم ناهبو _ اسان ڇئون ٿا ڏاهبو!

اگر ڏکيو ٿا جنگ ڏي _ تکيو ٿا منهنجي منهن ڏي،
ڏسي جهنڊي جي رنگ ڏي _ يلي پوءِ هيڏي ٽنگ ڏي،
سنڊوءَ ۾ خون واهبو _ سرن جو سانگ لاهبو،
چون ٿا ڏيم ناهبو _ اسان ڇئون ٿا ڏاهبو!

سنڌ ۾ ڏاريا نامنظور

اپريو جي - ايئر جو منشور - بيهر مڃريا هن منصور،
ديش ناهيو آ دستور - سنڌ ۾ ڏاريا نا منظور،
ڏاري آبادي جي ڏڀ - لاتو تن من ۾ آ ٽپ ،
نيٺ ٽنهنجو ڪيبو نور - سنڌ ۾ ڏاريا نامنظور !

ڪپ هٽي، جو ويهي ويو آن - پهه پچاڻي پيهي ويو آن،
پي ڏيها ٿي ڏيهي ويو آن - لوڻ فٽن تي ٿهي ويو آن ،
پٽيئي پاڙون پوڻ - سنڌ ۾ ڏاريا نا منظور !

ٽڪري وڃ پر هٽين خالي - مال مڏيو سڀ منهنجي مالي،
هٽڙي ٻڌجي آئين سوالي - ٿي ڇڏ وينءِ وارث والي،
نڪتين نسواري ناسور - سنڌ ۾ ڏاريا نا منظور !

منهنجي ڏرتي منهنجا ڏنگ - ڏڙيا تو ته ڪيا ٽنگ،
ڏاريا توسان جاري جنگ - ٽنهنجي رت جا رينا رنگ،
ٽيندا ملڪن ۾ مشهور - سنڌ ۾ ڏاريا نا منظور!

گوريلن جي گولي سامهون ، بلوانن جي بولي سامهون،
بارودن جي جهولي سامهون - جرنيلن جي ٽولي سامهون ،
پاڙيا پرندا هن پرپور - سنڌ ۾ ڏاريا نا منظور!

'عاجز' اٿندا ارڏا هاڻي ـ سنگينن سان سينا تاڻي،
منزل جسڪر جسمر ماڻي ـ ڏاها جاڻ انهي کي جاڻي،
گهاتو ڪندا آهن گهور سنڊ ۾ ڏاريا نا منظور!

گواهي سنڌ جي

ديش جا غدار، تون ڪو ڏيان ڏارين ڪو نہ ٿو،
چال پنهنجي ڪي ايڏان پيي تون سڏارين ڪو نہ ٿو ،
ڏاري آبادي ڪي ڏرتي تان ڏڪارين ڪو نہ ٿو ،
ديش خاطر خون جو قطرو يہ هارين ڪو نہ ٿو،
لالچي اولالچي غدار سنڌو ديش جا !

ٽيڪ تنهنجي سان اچي ٿي لوڏ ڏاري سنڌ ۾،
ڪي ٿي افغاني پنجابي ۽ بيهاري سنڌ ۾ ،
غير جو قبضو وڃي ٿيندو ٿو ساري سنڌ ۾،
ڏاڙي توڪي وئي وڌي آبادڪاري سنڌ ۾،
تنهن لاءِ بي غيرڪي آباد آڻي ٿي ڪري،
حيف تنهنجي حال تي هي سنڌ هاڻي ٿي ڪري!

ڏاري آبادي نہ آندي آ تباهي سنڌ جي ،
هي هتي چاهن ڪرڻ تا بادشاهي سنڌ جي،
قوم ماري ٿي وڃي هي بي گناهي سنڌ جي ،
لالچي ڪهڙي پوءِ ڏيندين تون گواهي سنڌ جي ،
پئسن خاطر ٿو وڃائين خير خواهي سنڌ جي ،
ڪنڌ تنهنجي ۾ نهي ٿي فٽ ڪاهي سنڌ جي !

قوم ساري جو تہ جسقمر ۽ آ جسمر ڪي سلام،
ٿي ڪري هي قوم آريسر شفيع جو احترام ،
جي تڙي ڏاريا سڏائين سنڌ جيجل جا غلام،
ڪارناما هي ڏسي تن جا لکيو 'عاجز' ڪلام،
ڏاري آبادي تڙي آجو ڪندا هي سنڌ ڪي،
سن ۾ ييهي تڙي اوچو ڪندا هي ڪتڊ ڪي!

ڏاريا توسان آهي جنگ

هوشو ڇئي ٿو همت ڏار ـ ڏولهه ڇئي ٿو غيرت ڏار،
سنڌي ماڻهو ٿي بيدار ـ ڏرتي جا ڪن ڏاريا مار،
وقت جي چارڻ چوريو چنگ ـ ڏاريا توسان آهي جنگ!

نڪري وڃ پناڻ پنجابي ـ ٿيندي نه ته پو خون خرابي،
گوريلن جي جنگ جوابي ـ ڏرتي ٿيندين رنگ گلابي،
رينا ٿيندا سارا رنگ ـ ڏاريا توسان آهي جنگ!

گوڏر غوڪا او نسواري ـ نڪرڻ جي ڪر ترت تياري،
ڇاجي محبت ڇاجي ياري ـ تومان ڏپ اڇي ٿي ڏاري،
ڪٽبو تنهنجو ڪنڌ ۽ ٽنگ ـ ڏاريا توسان آهي جنگ!

لوڏ ڏسي هي ڏازين واري ـ باهه بغاوت جي مون باري،
سوچ نه هلندي ڪا سرڪاري ـ ٿيندي قوم سنڌي سنواري،
دنگي وٺبا پنهنجا دنگ ـ ڏاريا توسان آهي جنگ!

جسڪم جسمر جانيون گهوري ـ وڙهندا ڪيچي ڪاچي ڊوري،
ڏارين جا ڪل پاندا پوري ـ سوريءَ ڏي سپ سرڙا گهوري،
اٽندا 'عاجز' ڪل اڙينگ ـ ڏاريا توسان آهي جنگ!

عَلم بقا جو کوڑبو

سنڌوءَ تي ديئر ڪوئي پي اگر ڪنهن جوڑيو،
انهيءَ ڪي نيٺ ٽوڑبو _ علم بقا جو کوڑبو،
علم بقا جو کوڑبو _ سنڌوديش جوڑبو!

هي قوم جو آ فيصلو _ پلي وڏي پوءِ معاملو،
اسان کي ٽل نہ ٽو ڪپي _ سنڌو سڪل نہ ٽو ڪپي،
بندن جو حل نہ ٽو ڪپي _ خطو ڪتل نہ ٽو ڪپي،
سڄي ڇمار لوڑبو _ علم بقا جو کوڑبو!

او تعصبي او دشمنو _ سنڌين جا چو ٿا چنو،
سفر گذر جي لئي پنو _ وڃي پو ڪم ڪيو ڪنو،
اسان سان پائپي ڇڏيو _ ڏکن سکن ۾ نہ سڏيو،
ٽٽي تہ رشتو ٽوڑبو _ علم بقا جو کوڑبو!

اسان جي هر ضمير ءَ ڪبير جو آ فيصلو،
اسان جي خاص خلق ءَ خمير جو آ فيصلو،
هي سنڌ جي تہ غيرتي غيور جو آ فيصلو،
هي قوم جو فيصلو ضمير جو آ فيصلو،

عقوبتون سهي سهي نہ ٿا سگهون ڪني رهي،
سرن تان ماس روڑبو - علم بقا جو کوڑبو!

تيستائين جاري رهندي ڏاري آباديءَ سان جنگ

جيسيتائين اجرا پالها آجا ٿيندا پنهنجا دنگ،
تيستائين جاري رهندي ڏاري آباديءَ سان جنگ!

غيرت مند غيور ته ڪوئي ڪونہ ڪندو برداش،
باقي لوپي ناڳي چوندا غيرن کي شاباش،
جيستائين غدارن جي اٽڪيل هوندي ٽنگ،
تيستائين جاري رهندي ڏاري آباديءَ سان جنگ!

شايد ثاني نادر جهڙا جڳ ۾ جاڳيا هن،
ليڪن ثاني هوشو جهڙا جوان به ساڳيا هن،
مُرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون' اهڙا هن اڏبنگ،
تيستائين جاري رهندي ڏاري آباديءَ سان جنگ!

غير ٿا سمجهن شايد سنڌ گدڙن کاڌي آ،
پالا تنهنجي پل وڏي هي وائي بادي آ،
طوفانن سان چا توڻ ترندين ڏرتي ٿيندي ريٽو رنگ،
تيستائين جاري رهندي ڏاري آباديءَ سان جنگ!

التيميٽم منهنجو تولاءِ پاٽهين وڃ نڪري،
نہ ته پوءِ شينهن آڏو پنهنجي ڏاڙ نہ هڻ ٻڪري،
تڪڙي تڪڙي تنهنجي خاطر ٿيندي ڏرتي ٽنگ،
تيستائين جاري رهندي ڏاري آباديءَ سان جنگ!

'عاجز' ارڏا سرڏا سيئي سات ڏي هلندا،
پوءِ ڏسون هي ڏاريا ڪهڙي ڏرتي تي پلندا،
سنڌڙي صاف سهاڻي ٿيندي ساوا ٿيندا رنگ،
تيستائين جاري رهندي ڏاري آبادیءَ سان جنگ!

يا ڪفن يا وطن

لفظ سورهيه سندا گونجندا ٿا رهن،
سي پڙاڏي مثل ٿا ڪنن ۾ پرن،
ديس مظلوم جا ماٺهون ڇا ٿا ڳهرن ،
ڪنڌ منصور جا وار ڏي ٿا سرن،
موت يا زندگي يا ڪفن يا وطن،
ديش توساڻ منهنجو هي آهي وچن!

هر تحريڪ ڏرتي جي خاطر نهي،
ڳالهه سورهيه ۽ سيد جي آهي سهي،
غير ڪي تون تڙي پئو امن سان رهي،
هي جواني اٽي رَيتِ ويندي وهي،
تن جي نعرن کان ڪيئي ڏينهن ٿا ڏهن،
موت يا زندگي يا ڪفن يا وطن،
ديس توساڻ منهنجو هي آهي وچن!

قيد جيل ڪوڙا هي ڦاهيون ۽ ڳهاٽا ڏسي،
ڪين مڙيا اکين ساڻ راٽا ڏسي،
سنڌ سيد سمورا ماٽا ڏسي،
۽ هنن ۾ دليري جا داٽا ڏسي،
سر بچائڻ بهانا بٽائي نه ڇڏ،
موت يا زندگي يا ڪفن يا وطن!
ديس توساڻ منهنجو هي آهي وچن!

تون انهي قوم جوئي تہ اولاد آن،
سنڌ ڏرتي جو وارث تون فولاد آن،
تون بہ اهڙن ارادن جي ايجاد آن،
تون سچن سورمن جو تہ بنياد آن،
پو ٿہ ڪردار 'عاجز' اهي ئي ڪچن،
موت يا زندگي يا ڪفن يا وطن !
ديس توساڻ منهنجو هي آهي وچن!

هي جوءِ بچايو

هي جوءِ بچايو ۽ بچا جانَ بچايو،
سرويچ ٿي هن سنڌ سندو ساهه بچايو،
سامي ڪي بچايو ۽ سچل شاهه بچايو،
دودا ٿي سنڌو ديش جو درياءَ بچايو،
جو سنڌ سڪائي ٿو اهو سِرُ نہ بچايو،
ڏارئي جو سنڌ ديش ۾ هڪ گھر نہ بچايو!

ڌرتي جي منهن مادري بولي ڪي بچايو،
لجپال منهن ماءَ جي جھولي ڪي بچايو،
چڪتاڻ مان مهراڻ جي چولي ڪي بچايو،
لِلاهه اڄ لطيف جي لولي ڪي بچايو،
اتحاد ۽ اتفاق سان تحريڪ هلايو،
دودا ٿي سنڌوديس جو درياءُ بچايو!

مهراڻ ۾ مستي نہ اها آهي پراڻي،
واري آ رڳو واري، ڦُري ڪير ويو پاڻي،
هي ڳالهه اياڻا تون نہ ٿو ڏيان تي آڻي،
درياءُ آ مهراڻ اباڻن جي اباڻي،
مهراڻ جا وارث ڪا اڻي باهه مچايو!

اسان جو سامراج سان تضاد آ

حقيقتون حَقِي ڏسو تہ ڪنهن ڪيو فساد آ،
نہ جنگ آ نہ جاڙ آ جي آ تہ اختلاف آ،
انهيءَ تي سامراج ٿيو تہ سندَ جي خلاف آ،
اسان ٿا سندَ لئہ مرون اسان جو هي بنياد آ!

اوهان ٿا سندَ کي ڪسيو اوهان جو هت مفاد آ،
جي جنگ آ تہ جنگ آ جي ناهہ آ تہ ناهہ آ،
اسان جي سندَ آ سُڄي اسانجو ئي درياهہ آ،
انهيءَ چوڻ ۾ دوستو تہ ڇا گناهہ آ!

تڏهن تہ احتجاج جي اسان وٽي هي راهہ آ،
جو سندَ ءِ درياهہ کي اوهان ڪيو تباهہ آ،
اسانجي سامراج کي هاڻي اها صلاح آ،
اسانکي ديش ڏيو جي تہ پو اوهان سان ناهہ آ!

هي لفظ هِن لطيف ءِ جي ايم جي ضمير جا
هي لفظ هِن اصول جي اسير جي ضمير جا،
هي لفظ هِن شهيد رهبر حق جي جناب جا،
هي لفظ هر غيور قوم جي تہ انقلاب جا!

چؤسٹا

جت

او پهلوان ماڻهو! او نوجوان ماڻهو!
تون نند ۾ پيو آن هُو جُهور پيو تو جاڳي،
۽ لاجواب اُن جو منشور پيو جاڳي،
تو کي مٿي آ ڪُرسي هُن کي مٿي آ ڏرتي،
تون بي ڏيان ماڻهو! هو با ڏيان ماڻهو!

ڪُتا

ڪُتا هي سامراج جا سماج مان ڪڍي ڇڏيو ،
نندا وڏا هي راڄ جي رواج مان ڪڍي ڇڏيو،
بغاوتن مذمتن شهادتن ، جو دؤر آ،
هي پُرامن جا لفظ احتجاج مان ڪڍي ڇڏيو!

ڏاڙيلن جي دؤر ۾ لکيل

رُنا رات کي نيٺ تازا رُنا،
ڏسان ٿو ته پٽ ۾ دِرازا رُنا،
رُنا سن ، ٽلٽي ۾ مڪلي مقام،
خدا آباد مسجد جا رازا رُنا!

سُڪل سال جي ڪنهن گهڙي پئي رُنو،
سُڄي گهر جي ڪرف ۾ ڪَڙي پئي رُنو،
اڄ ڪنڌ هيڏي ڪٽي جو ڏسان،
ته مياڻي ۾ موهن دڙي پئي رُنو!

بغاوت کنداسون

آهيان سنڌ پيٽو — پلي مونکي پيٽيو،
خطرناڪ ٿيندو آ اسان جو ڪيٽو،
مان جالي ته ناهيان — بنگالي ته ناهيان،
بهاري ته ناهيان — حوالي ته ناهيان!

نه افغاني آهيان — نڪو مان مهاجر،
مان ڌرتيءَ جو وارث مان ڌارئي لئي پادر،
ڏيان سنڌ درياهه، چا لئه سڪائڻ،
نه ايندي آ مونکي حقيقت لڪائڻ!

ڇھ سِٽو

هاڻي پائي پڌرا ٿيندا تنهنجا سارا ڪوڙ
سنڌي ماڻھو جلدي وڃھندا ڌاري آبادي کي ڏڙو
گوريلن جي گونج اُٿي - بارودن جي باھ ٻري آ
پنجابين جي چيلھ ڀڄي ۽ نسوارين کي پارن پور
ڌاري ڏر جا ڏاريا ماڻھو مور نہ سچا ٿيندا سي
مٽ مٽي جا مور نہ ٿيندا - پٽجي وئي هي آ پروڙ



’عاجز‘ سرگاٹي مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر آهي، هو لاڑڪاٹي ضلعي ۾ ڏوکري تعلقي جي ڳوٺ صوبدار سرگاٹيءَ ۾ پهرين جنوري 1960ع ۾ ڄائو. پيشي جي لحاظ کان رٽائرد استاد آهي، جڏهن ته سندس تعليم ٻارهين جماعت آهي. عاجز سرگاٹي عوامي شاعر دادن فقير کان متاثر ٿي 1975ع ۾ شاعري ڪئي. سندس ڪلام سڄي سنڌ ۾ پسند ڪيو وڃي ٿو. ’عاجز‘ سرگاٹيءَ جا همعصر شاعر احمد خان مدهوش، ميهر فقير، سرڪش سنڌي، راشد مورائي، تاج جويو، ناظم منگي، اسحاق راهي ۽ قاضي مقصود گل آهن.

- اڪبر ڊڪٽ

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي کتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي کتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي کوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڪُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن کو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي کوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَهکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آهي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِکَٻِئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو کم کرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا کمائي سگهي ٿو تہ پلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران کَنهن بہ رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)